REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اڱارو 12 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 27 جمادي الاول 1445هه (قيمت 05 روپيا) شمارو 196

پاڪستان والاريل ڪشمير بابت ڀارتي سپريم ڪورٽ جو فيصلو رد ڪري ڇڏيو

حق خود ارادیت حاصل آهي، عالمي قانون 5 آگسٽ 2019 تي ڀارت جي هڪ طرفي ۽ غيرقانوني قدمن کي نٿو مڃي: پرڏيهي وزارت

والاريل ڪشمير عالمي طور تي مڃيل تڪراري علائقو آهي. جيڪو 7 ڏهاڪن کان وڌيڪ وقت تائين گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ايجنڊا ۾ شامل آهي

واريل ڪشمير جو حتمي فيصلو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن موجب ۽ ڪشميري عوام جي امنگن موجب حل ڪيو ويندو

پاڪستان جمون، ڪشمير تي ڀارتي آئين جي بالادستي کي نٿو مڃي جيڪڏهن ڪو به عمل جيڪو ڀارتي آئين جي تابع آهي ان جي ڪا به قانوني اهميت نه آهي

ڪشمير ڀارت جو اڻ ٽٽ انگ آهي، ڀارت سان الحاق ڪانپوءِ ڪشمير پنهنجي گهرو خودمختياري کي برقرار نه رکيو، آرٽيڪل 370 هڪ عارضي شق هئي: ڀارتي سپريم ڪورٽ

اسلام آباد (م د) پاڪستان والاريل ڪشمير جي خصوصي حيثيت ختم ڪرڻ جي ڀارتي غير آئيني قدم تي ڀارتي سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو آهي. پرڏيهي وزارت طرفان جاري ڪيل بيان موجب ڪشميرين کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن موجب حق خود ارادیت حاصل آهي، عالمي قانون 5 آگسٽ 2019 تي ڀارت جي هڪ طرفي ۽ غيرقانوني قدمن کي نٿو مڃي. والاريل ڪشمير عالمي طور تي مڃيل تڪراري علائقو آهي. جيڪو 7 ڏهاڪن کان وڌيڪ وقت تائين گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ايجنڊا ۾ شامل آهي. واريل ڪشمير/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

بلاول دهشتگردي جو ذميوار عمران خان کي قرار ڏئي ڇڏيو

ماضيءَ ۾ دهشتگردن کي جيلن مان ڪڍي آزاد ڪيو ويو، جيڪي ماڻهو پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ جي سنگين وارداتن ۾ ملوث هئا انهن کي افغانستان مان واپس گهرايو ويو

ماضي جي انهن پاليسين جي ڪري عوام کي اڄ بيهر قربانيون ڏيڻيون پيون، جيڪي ان فيصلي ۾ شامل هئا انهن کان پڇڻ گهرجي ته هنن جو ارادو ڇا هو؟

ڀارتي پارليامينٽ ۽ سپريم ڪورٽ عالمي معاهدن کي بيهر نه ٿيون لکي سگهن، ڀارت عالمي قانون کي نٿو مڃي، عالمي برادري ڀارت جو اهڙو رويو ڪيستائين برداشت ڪندي

چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جا ٿورائتا آهيون جو هن شهيد ذوالفقار ڀٽو ريفرنس ٻڌڻ جو فيصلو ڪيو، گهرو وزارت جي آفيس ۾ شهيدن جي ديوار قائم ڪرڻ سٺو قدم آهي

بلاول ڀٽو زرداري گهرو وزارت جي آفيس جو دورو ڪري شهيدن جي ديوار تي شهيد بينظير ڀٽو جون تصويرون لڳايون

اسلام آباد (م د) بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته باني پي ٽي آءِ جي پاليسين سبب پاڪستان اڄ بيهر دهشتگردي کي منهن ڏئي رهيو آهي، ماضي ۾ دهشتگردن کي جيلن مان ڪڍي آزاد ڪيو ويو، جيڪي ماڻهو پاڪستان ۾ دهشتگرديءَ جي سنگين وارداتن ۾ ملوث هئا انهن کي افغانستان مان واپس گهرايو ويو. بگٽي سان گڏ پريس ڪانفرنس دوران بلاول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نگران وفاقي گهرو وزير سرفراز بگٽي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي

طاقت جو استعمال رڳو رياست ڪري سگهي ٿي: سرفراز بگٽي

سازشي ذرين سدائين پاڪستان کي ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي

نسلي تعصبن کان متاثرن ٿي پاڪستان کي اوليت ڏيڻي پوندي: تقريب کي خطاب

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نگران وفاقي گهرو وزير سرفراز بگٽي چيو آهي ته طاقت جي استعمال جو اختيار رڳو رياست وٽ آهي. ڪنهن تشدد جو رستو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پشاور هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن خلاف حتمي فيصلي کان روڪي ڇڏيو

پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عتيق شاهه ۽ جسٽس شڪيل احمد تي ٻڌل 2 رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي

اليڪشن ڪميشن انٽرا پارٽي چونڊن جي خلاف ڪيس نٿو ٻڌي سگهي: قاضي انور ايڊووڪيٽ

175 سياسي پارٽيون آهن، اڃان تائين ڪنهن به انٽرا پارٽي چونڊون چيلينج نه ڪيون آهن: بيرسٽر گوهر

پشاور (م د) پشاور هاءِ ڪورٽ تنين انٽرا پارٽي چونڊن تي اليڪشن ڪميشن کي پي ٽي آءِ جي خلاف حتمي فيصلي کان روڪي ڇڏيو آهي. پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عتيق شاهه ۽ جسٽس شڪيل احمد تي ٻڌل 2 رڪني بينچ ٻڌي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

منهنجي سوال جو ڪو به جواب نٿو اچي: نواز شريف

قوم پڇڻ چاهي ٿي ته 2017 ع ۾ ترقي ڪندڙ پاڪستان کي ڇو روڪيو ويو؟

الله اسان کي ايندڙ حڪومت ڏني ته ملڪ کي سٺي نموني هلائڻ جي توفيق به ڏيندو

زيادتي جو ازالو چاهيو ٿا ته پنهنجي ذات کان ٻاهر نڪرڻو پوندو: پارلياماني بورڊ جي اجلاس کي خطاب

لاهور (م د) اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف چيو آهي ته قوم پڇڻ چاهي ٿي ته 2017 ع ۾ ترقي ڪندڙ پاڪستان کي ڇو روڪيو ويو؟ هر هر سوال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور: اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف پارٽي جي پارلياماني بورڊ جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ن ليگ سنڌ ۾ باضابطا چونڊ مهم شروع ڪري پئي: کيئل ڪوهستاني

ڪراچي (رپورٽر) مسلم ليگ (ن) سنڌ اقليتي ونگ جي صدر کيئل داس ڪوهستاني جو چوڻ آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

توشه خانه سزا معطلي بابت خان جي درخواست تي فيصلو محفوظ

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ باني جي سزا معطلي واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي

مونکي حيرت آهي ته اليڪشن ڪميشن ان حد تائين وڃي سگهي ٿي، اها پنهنجي انا کي پورو ڪندي: سردار لطيف کوسا

مون کي ياد آهي ته پرويز مشرف جي به خواهش هئي ته نواز شريف ۽ بينظير ڀٽو پارٽي سربراهه نه هجن

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ توشه خانه فوجداري ڪيس جو فيصلو معطل ڪرڻ واري پي ٽي آءِ باني جي درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ باني جي سزا معطلي واري درخواست تي ٻڌڻي ٿي. وڪيل سردار لطيف کوسا چيو ته مونکي حيرت آهي ته اليڪشن ڪميشن ان حد تائين وڃي سگهي ٿي. اها پنهنجي انا کي پورو ڪندي. پي ٽي آءِ جو باني چيئرمين پارٽيءَ جو سربراهه نه رهيو. مون کي ياد آهي ته پرويز مشرف جي به خواهش هئي ته نواز شريف ۽ بينظير ڀٽو پارٽي سربراهه نه هجن. نواز شريف جاويد هاشمي کي صدر ۽ پيپلز پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: خاتون اول بيگم ثمينه عارف علوي تقريب کي خطاب ڪري رهي آهي

گيس سڄي دنيا ۾ مهانگي آهي، پاڪستان ۾ مهانگي ٿيڻ جو امڪان

چيئرمين اوگرا مسرور خان گيس جي قيمتن ۾ واڌ واري معاملي جي ٻڌڻي ڪئي

پهرين نومبر کان گئس جي اگهن ۾ واڌ ڪانپوءِ سوئي ناردرن گئس جي اگهن ۾ وڌيڪ 131 سيڪڙو واڌ جو مطالبو

سمورن اسٽيڪ هولڊرز جا خيال ٻڌي ڇڏيا آهن، ايندڙ ٻڌڻي پشاور ۾ ٿيندي: چيئرمين اوگرا مسرور خان

لاهور (م د) آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) جي چيئرمين مسرور خان ملڪ ۾ گئس وڌيڪ مهانگي ٿيڻ جو خدشو ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. چيئرمين اوگرا مسرور خان گيس جي قيمتن ۾ واڌ واري معاملي جي ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ سمورن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

عمران خان جي 3 ۽ شاهه محمود قريشي جي 2 ڪيسن ۾ ضمانت منظور

دهشتگردي جي انت واري عدالت جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين پي ٽي آءِ باني ۽ شاهه محمود قريشي جون ضمانتون منظور ڪيون

پراسيڪيوٽر راجا نويد ۽ پي ٽي آءِ جي وڪيل سردار مصروف، خالد يوسف عدالت ۾ پيش ٿيا

اسلام آباد (م د) دهشتگردي جي انت واري عدالت پي ٽي آءِ باني عمران خان جي 3 ۽ شاهه محمود قريشي جي 2 ڪيسن ۾ ضمانت منظور ڪري ورتي آهي. دهشتگردي جي انت واري عدالت جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين پي ٽي آءِ باني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پيپلزپارٽي ڪنهن به صورت ۾ اليڪشن ۾ دير نه ٿي چاهي: سعيد غني

سنڌ ۾ آءِ جي سنڌ کان وٺندي تپيدار تائين بدليون ۽ مقرريون ڪيون ويون آهن، ائين ٻئي ڪنهن به صوبي ۾ نه ٿيو آهي

اليڪشن ڪميشن چونڊن ۾ دير نه ٿيڻ جي خاطري ڪرائي آهي

اليڪشن ڪميشن کي پنهنجن خدشن کان آگاهه ڪيو آهي: تاج حيدر، فيصل ڪريم ڪنڊي سان گڏ پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (م د) پيپلزپارٽي اڳواڻن چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن چونڊن ۾ دير نه ٿيڻ جي خاطري ڪرائي آهي، پيپلزپارٽي ڪنهن به صورت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسلام آباد: پ پ اڳواڻ سعيد غني، تاج حيدر، فيصل ڪريم ڪنڊي ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

حيدرآباد ۾ ايس ايڇ او جي آڊيو ليڪ، اهلڪار کي گاريون ڏيندو رهيو

حيدرآباد (م د) حيدرآباد ۾ نسيم نگر ٿاڻي جي ايس ايڇ او پاران پوليس اهلڪار کي ڌمڪيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پنجاب ۾ سي ٽي ڊي جون ڪارروايون، 9 دهشتگرد گرفتار

ڪارروايون لاهور، فيصل آباد، گوجرانوالا، بهاولپور، بهاول نگر، سيالڪوٽ ۽ حافظ آباد ۾ ڪيون ويون

لاهور مان پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان کي مالي مدد فراهم ڪرڻ تي 2 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو

لاهور (م د) ڪائونٽر ٽيرازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) پنجاب جي مختلف شهرن ۾ ڳجهي اطلاع تي ڪارروايون ڪندي 9 دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو سي ٽي ڊي ترجمان موجب ڪارروايون لاهور، فيصل آباد، گوجرانوالا، بهاولپور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ ڪراچي جي واپارين سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ڪرسچن ميريج ايڪٽ تحت سنڌ ۾ پهرين سزا: نوجوان کي ٻئي شادي ڪرڻ تي 9 سال قيد جو حڪم

ڪراچي (م د) ڪراچي جي مقامي عدالت مسيحي نوجوان کي ٻئي شادي ڪرڻ تي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي. ڪراچي جي جوڊيشل مئجسٽريٽ شرقي جوشوا الياس کي پاڪستان ڪرسچن ميريج ايڪٽ جي ڀڃڪڙي تي 9 سال قيد ۽ 25 هزار روپين جي ڏنڊ جي سزا ٻڌائي. ٻڌڻي دوران فريادي ڌر جي وڪيل چيو ته جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ايشيائي ترقياتي بينڪ پاڪستان لاءِ 15 ڪروڙ 55 لک ڊالر فنڊ جي منظوري ڏئي ڇڏي

رقم سان عورتن جي لاءِ اصلاحات جو پروگرام شروع ٿيندو عورتن کي مائيڪرو، اسمال ۽ ميڊيم انٽرپرائزز جي لاءِ قرض آساني سان ملي سگهندو: پڌرائي

فنانسنگ جي رقم ۾ 10 ڪروڙ ڊالر پاليسي جو قرض آهي ۽ ساڳئي پروگرام ۾ 55 لک ڊالر جي گرانٽ شامل آهي جڏهن ته 5 ڪروڙ ڊالر قرض ڏيندڙ ادارن کي ڏنا ويندا

اسلام آباد (م د) ايشيائي ترقياتي بينڪ پاڪستان جي لاءِ 15 ڪروڙ 55 لک ڊالر فنڊ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ايشيائي ترقياتي بينڪ طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب رقم سان عورتن جي لاءِ اصلاحات جو پروگرام شروع ٿيندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪسٽم وارا پاڻ پئسا وٺي گاڏيون اسمگل ڪرائيندا آهن، بعد ۾ پاڻ ئي پڪڙيندا آهن: چيف جسٽس

ڪسٽم اختيارين جي علم ۾ اچڻ کان سواءِ پشاور بارڊر تان 400 ڪلو ميٽر اندر گاڏي پڪڙي وئي

ڪسٽم اختيارين جي خلاف انڪوائري ڇو نه ڪئي وئي، ٽرڪ 1996 ۾ ٺاهيو ويو ۽ 2016 ۾ پڪڙيو ويو

22 سالن تائين ڪٿي هلندو رهيو. اسمگلنگ ڪٿان کان ٿي آهي، هي ٽرڪ ماچس جي دٻي ته ناهي؟

اسلام آباد (م د) چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ڪيس جي ٻڌڻي دوران ريمارڪس ڏنا آهن ته ڪسٽم وارا ڀريان پاڻ پئسا وٺي گاڏيون اسمگل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير محمد علي سان آذربيجان جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ ڀاڙائي، 858 پوائنٽن جي گهٽتائي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ شروعاتي ڪاروباري ڏينهن دوران منفي رجحان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نواز شريف لاڏلو نه ٿئي، وزيراعظم بلاول ٿيندو: خورشيد شاهه

عام چونڊن ۾ سرپرائيز ايندو، ملڪ جو وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندو

مون خلاف نيب جيڪي الزام هنيا، اهي ڇهن سالن ۾ ثابت ناهن ڪيا ويا

سکر (رپورٽر) سکر جي احتساب عدالت ۾ آمدني کان وڌيڪ اثاثن بابت ريفرنس جي ٻڌڻي 18 ڊسمبر تائين ملتوي ڪئي وئي آمدني کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

غير شرعي نڪاح ڪيس ٻڌڻ جوڳو هجڻ يا نه هجڻ بابت درخواست تي فيصلو محفوظ

اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي جج قدرت الله ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

بشريٰ بي بي جي اڳوڻي مڙس خاور مانيڪا عدالت ۾ پيش ٿي حاضري لڳرائي، وڪيل رضوان عباسي به عدالت ۾ پيش ٿيو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد جي عدالت غير شرعي نڪاح ڪيس جي ٻڌڻ جوڳي هجڻ يا نه هجڻ بابت درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي. اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي جج قدرت الله پي ٽي آءِ جي باني عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي کي ٻيهر پرامن ۽ خوبصورت شهر ٺاهڻو پوندو: اياز لطيف

سنڌ جا شاگرد 15 سالن کان احساس محرومي جو شڪار آهن

سنڌ جي ترقي لاءِ تعصب ۽ ڪرپشن کي ختم ڪرڻو پوندو

ڪراچي (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر اياز لطيف پليجو چيو آهي ته ڪراچي کي ٻيهر دنيا جو خوبصورت ۽ پرامن شهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جي ڀائٽيجي پ پ ڇڏي (ن) ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو

سيد شهزاد شاهه نواز ليگ سنڌ جي صدر بشير ميمڻ سان ملاقات ڪئي جنهن کان پوءِ نواز ليگ جي قيادت تي اعتماد جو اظهار ڪيو

پاڪستان مسلم ليگ (ن) کي مضبوط ڪندس، ملڪي بحرانن کي رڳو نواز شريف ئي حل ڪري سگهي ٿو: سيد شهزاد شاهه

سنڌ ۾ ڏاڙيل راڄ قائم ڪيو ويو آهي هن وقت سنڌ جي صورتحال رحم جوڳي آهي: بشير ميمڻ

ڪراچي: سيد شهزاد شاهه نواز ليگ سنڌ جي صدر بشير ميمڻ سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جي ڀائٽيجي سيد شهزاد شاهه جيلاني مسلم ليگ (ن) ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. تفصيل موجب سيد شهزاد شاهه نواز ليگ سنڌ جي صدر بشير ميمڻ سان ملاقات ڪئي جنهن کان پوءِ نواز ليگ جي قيادت تي اعتماد جو اظهار ڪندي پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو ڪراچي ۾ بشير ميمڻ ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي سيد شهزاد شاهه چيو ته هو خيرپور ۾ پاڪستان مسلم ليگ (ن) کي مضبوط ڪندو. ملڪي بحرانن کي رڳو نوازشريف ئي حل ڪري سگهي ٿو ان موقعي تي نوازليگ سنڌ جي صدر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پي ٽي آءِ اڳواڻ خديجه شاهه کي ڪوئيٽا پوليس گرفتار ڪري ورتو

پوليس خديجه شاهه کي گرفتار ڪري راهداري ريمانڊ وٺڻ جي لاءِ درخواست داخل ڪئي

عدالت خديجه شاهه کي ٻن ڏينهن ۾ لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

لاهور (م د) پنجاب حڪومت طرفان پي ٽي آءِ ڪارڪن خديجه شاهه جي نظربندي جو حڪم واپس وٺڻ کان پوءِ ڪوئيٽا پوليس ڪيس گرفتار ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

تاحيات نااهلي جو نوٽيس، معاملو 5 رڪني ججز ڪميٽي حوالي

مير بادشاهه قيصراني جي نااهلي واري ڪيس جي ٻڌڻي دوران پاناما ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ٻڌڻي دوران تاحيات نااهلي ۽ اليڪشن ايڪٽ ۾ ترميمن تي به غور ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ گذريل ڏينهن نااهل سياسي اڳواڻ جي نااهلي ڪيس جي ٻڌڻي دوران 5 رڪني بينچ جوڙيندي تاحيات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڏاندلي واري اليڪشن ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين: خالد مقبول صديقي

ڪراچي پنهنجي حقيقي نمائندگي وڃائي چڪو آهي، شهر جي نمائندگي انهن ماڻهن ڪئي جن جو هن شهر سان ڪو واسطو نه هو

اسان جلد ۽ شفاف ۽ غيرجانبدار ۽ قابل قبول چونڊون چاهيون ٿا. سنڌ ۾ نگران حڪومت 15 سالن جي حڪومت جو تسلسل آهي

چونڊون نه رڳو شفاف ٿيڻ گهرجن پر ظاهري به ٿيڻ گهرجن هن وقت چونڊون صاف ۽ شفاف ٿيندي نظر نٿيون اچن

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سربراهه خالد مقبول صديقي چيو آهي ته ڏاندلي وارين چونڊن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين. ڪراچي ۾ پاڪستان هائوس ۾ مصطفيٰ ڪمال، امين الحق، رئوف صديقي ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اسلام آباد: چائنا ۾ مقرر پاڪستان سفير ايڇ اي خليل هاشمي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

يونيورسٽي ۾ منشيات سپلاءِ ڪندڙ 3 جوابدار گرفتار

جوابدارن جي قبضي مان 11 ڪلو 9 سئو گرام منشيات هٿ

جوابدار تعليمي ادارن ۾ منشيات سپلاءِ ڪندا هئا: پوليس

اسلام آباد (م د) قائد اعظم يونيورسٽي ۾ منشيات سپلاءِ ڪندڙ 3 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو اسلام آباد پوليس موجب گرفتار ڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ٻارن جي اغواءِ ۽ پراسرار نموني گم ٿيڻ جي واقعن ۾ واڌ

سال 2023 ۾ ٻين ڏهن وانگر ٻارن جي اغواءِ گمشدگي جي واقعن ۾ به اضافو ٿيو

هلندڙ سال جي 11 مهينن دوران 1 هزار 255 ٻارڙا گم آهن. گم ٿيل ٻارن مان 950 کان وڌيڪ ٻارڙا مليا: ذريعا

ڪراچي (رپورٽر) شهر ۾ ٻارن جي اغواءِ ۽ پراسرار نموني گم ٿيڻ جي واقعن ۾ خوفناڪ اضافو ٿي ويو آهي سال 2023 ۾ ٻين ڏهن وانگر ٻارن جي اغواءِ گمشدگي جي واقعن ۾ به اضافو ٿيو ۽ هن وقت تائين 250 کان وڌيڪ ٻارن جو پتو نه پئجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ججز ڪميٽي ۾ اختلاف، جسٽس اعجاز جو بينچ معاملن تي خط

جسٽس اعجاز الاحسن سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار کي بينچ جي جوڙجڪ تي خط لکي ڇڏيو

جسٽس اعجاز الحسن شهرين جي فوجي عدالتن ۾ ٽرائل جي 6 رڪني بينچ تي اعتراض ڪيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ جي جج جسٽس اعجاز الحسن ڪيسن جي ورهاست بابت ججز ڪميٽي جي اجلاسن جي معاملي تي بينچن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

بلاول پاران ذوالفقار ڀٽو بابت صدارتي ريفرنس جي ڪارروائي لائيو ڏيکارڻ جو مطالبو

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي وڪيل فاروق ايڇ نائيڪ درخواست سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪرائي

ذوالفقار علي ڀٽو کي قتل جي سازش جي الزام ۾ موت جي سزا ٻڌائي وئي: درخواست جو متن

اسلام آباد (م د) ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهيءَ خلاف صدارتي ريفرنس جي ٻڌڻي ٽي وي تان سڌيءَ ريت ڏيکاري وڃي، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

نگران وزير محمد احمد شاهه سالن کان پگهار جي لاءِ ترسيل منهنجي جي رهواسين کي خوشخبري ٻڌائي ڇڏي

مان انفارميشن وارو وزير آهيان انفارميشن جو نه. مون کي آچر جي ڏينهن به موڪل ناهي هوندي: محمد احمد شاهه

تعليم واري وزارت انتهائي اهم وزارت آهي، استادن جي حاضري وقت تي هئڻ گهرجي. استاد تصويرون ڪيرائي موڪلين ته هو ڪٿي آهن

سنڌ ۾ استادن جي ڀرتي ڪانپوءِ استادن جي ڪوٽ جو مسئلو حل ٿي ويو آهي. جنهن ڪري ڏورانهن علائقن ۾ اسڪول کولڻ ۾ مدد ملي آهي: رعنا حسين

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران صوبائي وزير اطلاعات، اقليتي معاملن، سماجي تحفظ ۽ آرٽس ڪائونسل جي صدر محمد احمد شاهه سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: نگران صوبائي وزير محمد احمد شاهه سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ نگران صوبائي وزير تعليم رعنا حسين سان گڏيل پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

16 ڊسمبر کان تيل اگهن ۾ وڏي گهٽتائي جو امڪان

اسلام آباد (م د) 16 ڊسمبر کان تيل اگهن ۾ وڏي گهٽتائي جو امڪان آهي. عالمي مارڪيٽ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌ جي اعتراضن جو اثر: تڪراري گريٽر ٿل ڪئنال فيز 2 جي منظوري ملتوي

پنجاب سرڪار ڪوشش باوجود تڪرار ڪئنال منظور ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي

سنڌ ۾ زرعي زمينون آباد ڪرڻ لاءِ پاڻي جي ڪوٽ آهي: يونس ڏاگا

لاهور (م د) سنڌ جي شديد اعتراضن بعد تڪراري گريٽر ٿل ڪئنال فيز 2 جي منظوري ملتوي ڪئي وئي آهي پنجاب سرڪار ڪوشش باوجود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي ضلعي جي ڊي سي قيمتن جي چيڪنگ ۽ خلاف ورزي ڪندڙن خلاف ڪيل ڪارروائين جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا

گذريل هفتي دوران منافعي خورن ۽ ذخيرو ڪندڙن خلاف مجموعي طور تي 1141500 ڏنڊ لڳايو ويو

عوام کي ضروري شين جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ روزاني جي بنيادن تي ڪارروائيون ڪيون پيون وڃن: الطاف ساريو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ڪيڙ ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو جي هدايت تي ڊي سي ڪيڙ ضلعي جي آفيس پاران روزاني جي بنيادن تي قيمتن جي چيڪنگ ۽ خلاف ورزي ڪندڙن خلاف ڪيل ڪارروائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي پريس ڪلب آڏو اسرائيل جي جارحيت خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر ڪينل هئا ۽ اسرائيل خلاف چٽي نعريبازي ڪئي

فلسطين ۾ وحشي اسرائيل ظالماڻا بمباري ڪري رهيو آهي : مظاهرين جون ڏانهون

اسرائيل فلسطين ۾ تباهي ڪري هزارين انسانيون جانيون ڳڙڪايون آهن پر گڏيل قومون خاموش آهن

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر ڀڻوار) ... خدمت پاڪستان جي چيئرمين هري سوهن ... سولنجي جي اڳواڻي ۾ وڏي تعداد ۾ ڪراچي پريس ڪلب آڏو اسرائيل جي جارحيت خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪراچي : اسرائيلي جارحيت خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ميونسپل ڪاميٽي جو اڳوڻو ايڊمنسٽريٽر نامور حڪيم بشير احمد چنه دل جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري ويو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌ جي زميندار گهراڻي سان تعلق رکندڙ دادو ضلعي جي معزز سياسي ۽ سماجي شخصيت ميونسپل ڪاميٽي دادو جو اڳوڻو ايڊمنسٽريٽر نامور حڪيم بشير احمد چنه دل جو دورو پوڻ سبب وفات ڪري ويو. دادو ميونسپل ڪاميٽي جي اڳوڻي ميمبر ۽ دادو جي مشهور ڪاروباري شخصيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

خانپور مهر پرسان ڳوٺ ڪندو گڏاڻي جي رهواسين پاران بااثر جوابدارن خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ ڪندو گڏاڻي ۾ پراڻي تڪرار تان جوابدارن حملو ڪري مبينا طور گولي هڻي نوجوان مياندادپٽ پانڌي گڏاڻي کي زخمي ڪري ڇڏيو

نوجوان جي وارثن نثار احمد گڏاڻي، عمران گڏاڻي، اسد علي، ماجد گڏاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو، انصاف ڏيارڻ جي گهر

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر پرسان ڳوٺ ڪندو گڏاڻي جي رهواسين جو بااثر جوابدارن خلاف احتجاج، جوابدارن مٿان نوجوان کي گولي هڻي زخمي ڪرڻ جا الزام. زخمي نوجوان جي وارثن جو احتجاج، خانپور مهر پرسان ڳوٺ ڪندو گڏاڻي ۾ پراڻي تڪرار تان جوابدارن حملو ڪري مبينا طور گولي هڻي نوجوان ميانداد پٽ پانڌي گڏاڻي کي زخمي ڪري ڇڏيو. زخمي نوجوان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

جان محمد سوسائٽي پرسان جي يو آءِ پاران طوفان اقصيٰ ڪانفرنس

اسرائيل فلسطيني مسلمانن سان ظلم بند ڪري ۽ اقوام متحده ان مسئلي تي ڌيان ڏي : عالم

ايندڙ وقت جي يو آءِ جو آهي 72 سالن کان ملڪ تي حڪمراني ڪرڻ وارن کان عوام ضرور پڇاڻو ڪندو

ڪانفرنس ۾ سياسي سماجي اڳواڻن صحافين، جي يو آءِ جي ڪارڪنن سميت علائقي جي هزارين ماڻهن جي شرڪت

جان محمد سوسائٽي/ عادلپور (غلام رسول مهر/ اسلم مهر) جان محمد سوسائٽي پرسان جي يو آءِ پاران تاجدار مدينه بسلسله طوفان اقصيٰ ڪانفرنس ڳوٺ وڏڻ مهر ۾ ٿي گذري. جنهن ۾ سنڌ جا ناميارا عالم سڳورا شريڪ ٿيا ڳوٺ وڏڻ مهر ۾ سالياني عظيم الشان تاجدار مدينه ڪانفرنس منعقد ٿي گذري جنهن ۾ سنڌ جا ناميارن عالمن مختلف درگاهن جي گادي نشينن پڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

جان محمد سوسائٽي : ڪانفرنس کي عالم خطاب ڪري رهيو آهي

بدين ۾ ڪنڊا سسٽم عروج تي حيسڪو پاران

ميٽر تي بجلي استعمال ڪندڙن صارفين تي

بنا جواز ڳرا بل هڻڻ معمول بڻجي ويو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ ڪنڊا سسٽم عروج تي حيسڪو پاران ميٽر تي بجلي استعمال ڪندڙن صارفين تي بنا جواز ڳرا بل هڻڻ معمول بڻجي ويو شهرين جو وفاقي وزير بجلي ۽ محتسب اعلي کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل خبر موجب سياري جي موسم شروع ٿيندي ئي شهرين پنهنجا اي سي ۽ روم ڪولر استعمال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪشمور ضلعو هڪ ڀيرو ٻيهر اغوا جي انڊسٽري بڻجي ويو، 2 اغوا

مين انڊس هائي وي انڙ واهه پرسان هٿياربندن ڪاهه ڪري مسافر گاڏين مٿان انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني

فائرنگ سبب گولين لڳڻ تي ٽرڪ جا ٽائر برسٽ ٿيا جنهن بعد ٽرڪ ڪلٽي تي پئي

هٿياربند هٿيارن جي زور تي ٽرڪ ڊرائيور ۽ ڪلينر کي اغوا ڪري ڪچي طرف فرار ٿي ويا

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ڪشمور ضلعو هڪ ڀيرو ٻيهر اغوا جي انڊسٽري بڻجي ويو. مين انڊس هائي وي انڙ واهه پرسان هٿياربندن ڪاهه ڪري مسافر گاڏين مٿان انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني فائرنگ سبب گولين لڳڻ تي ٽرڪ جا ٽائر برسٽ ٿيا جنهن بعد ٽرڪ ڪلٽي تي پئي. هٿياربند هٿيارن جي زور تي ٽرڪ ڊرائيور ۽ ڪلينر کي اغوا ڪري ڪچي طرف فرار ٿي ويا. بنهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز پاران روورل هيلٿ سينٽر پرياسٽي جو دورو

ڊي سي اسپتال جي وارڊ، او پي ڊي، ايڪسري، ليبارٽري ۽ ميڊيڪل اسٽول جو دورو ڪيو

ضلعي هيلٿ آفيسر کي لکت ۾ اسپتال جي مسئلن ۽ ضرورتن کان آگاهه ڪن : ڊپٽي ڪمشنر

لاڳاپيل عملدار اسپتال ۾ سهولتن ۽ صفائي سٿرائي جا انتظام بهتر ڪن

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم اج روورل هيلٿ سينٽر (RHC) پرياسٽي جو دورو ڪيو. ان موقعي تي ضلعي هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر پريا پڻ موجود هئا. ڊپٽي ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز : ڊپٽي ڪمشنر روورل هيلٿ سينٽر پرياسٽي جو دورو ڪري رهيو آهي

سکر ۾ فياض حسين عباسي

ڪمشنر ڊويزن جي عهدي جي چارج

سنڀالي ڪم شروع ڪري ڏنو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر : فياض حسين عباسي ڪمشنر ڊويزن جي عهدي جي چارج سنڀالي ڪم شروع ڪري ڏنو آهي. ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي چارج سنڀالڻ ڪانپوءِ پنهنجي آفيس ۾ لاڳاپيل آفيسرن ۽ اسٽاف سان تعارفي گڏجاڻي ڪئي ۽ هدايت ڪئي ته شهرين جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪابه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڏهرڪي: سجاول ضلعي جي صحت کاتي ۾ ڪروڙين رپين جي مبينا ڪرپشن جو انڪشاف

صحت کاتي ۾ رينڊر سروسز جي بنيادن تي ڀرتي ٿيل غريب ملازمن جون پگهارون ڪيترو وقت کان وٺي بند

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ناليواري وڪيل امر جماڻي ميمڻ جي معرفت ڊي ايڇ او سجاول کي ليگل نوٽيس جاري

وڪيل امر جماڻي ميمڻ معرفت ڊي ايڇ او سجاول ڊاڪٽر حنيف ميمڻ کي ليگل نوٽيس موڪليو ويو آهي : ملازم

ڏهرڪي (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏهرڪي: سجاول ضلعي جي صحت کاتي ۾ ڪروڙين رپين جي مبينا ڪرپشن جو انڪشاف، صحت کاتي ۾ رينڊر سروسز جي بنيادن تي ڀرتي ٿيل غريب ملازمن جون پگهارون ڪيترو وقت کان وٺي بند. ملازم ناقاڪش ڪاٽڻ تي مجبور، ملازمن پاران سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ناليواري وڪيل امر جماڻي ميمڻ جي معرفت ڊي ايڇ او سجاول کي ليگل نوٽيس جاري، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ننگرپارڪر جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ سنڌي ثقافتي تقريب

گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ سنڌي ثقافتي ۽ تعليمي جاڳرتا جو رنگا رنگ پروگرام منعقد ڪيو ويو

سنڌ جي ثقافت هزارين سال پراڻي آهي قومون پنهنجي ثقافت سان محبت ڪنديون آهن : اڳواڻ

پنهنجي ثقافت تي اسان کي فخر آهي تعليم انسان جي ٽين اک آهي تعليم کان سواءِ انسان اڌورو آهي

ننگرپارڪر (ن سنڌيار) ننگرپارڪر جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ سنڌي ثقافتي ۽ تعليمي جاڳرتا جو رنگا رنگ پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ اسڪول جي استادن شاگردن تقريرون ٽيبلوز توڙي قومي گيتن تي رقص ڪري پنڊال ۾ ويٺل مهمانن کان خوب داد وصول ڪيو سنڌ جي ثقافت هزارين سال پراڻي آهي قومون پنهنجي ثقافت سان محبت ڪنديون آهن پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ننگرپارڪر : اسڪول ۾ ٿيل ثقافتي تقريب جو ڏيک

ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن سکر مير

نادر ابڙو پهچي نئين سپر اسٽور

يوٽيلٽي اسٽور جو افتتاح ڪري ڇڏيو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن سکر مير نادر ابڙو سنڌ سوسائٽي نزد نادرا آفيس سبزي منڊي سکر پهچي نئين سپر اسٽور يوٽيلٽي اسٽور جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي زونل مينيجر يوٽيلٽي اسٽور قيصر سعيد، ريجنل مينيجر يوٽيلٽي مولا بخش مغل، ايريا مئنيجر غلام سرور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

”ترڪول بلاڪ ٽو ۾ ليبر پاليسي منظور ڪريو“ اسلام ڪوٽ ۾ متاثر ملازمن ۽ رهواسين پاران مظاهرو

متاثر ملازم ايم بي سومرو ۽ هريش تيجاڻي جي اڳواڻيءَ ۾ رهواسين گهمن سنگ ڀيل اوتم چند ڀيل ڀين لالوائي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اينگرو پاور ۾ مزدورن جي ڪا ليبر پاليسي ناهي جنهن ڪري مزدورن کان اوور ٽائيم سميت سخت پورهيو ڪرايو وڃي ٿو : مظاهرين

هر آئي ڏينهن بنا جواز ترليل ٿي ٿي اگر ڪو مزدور بيمار ٿي پوي ٿو ته اتي ان جي صحت جو ڪو بي بندوبست ناهي

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) ترڪول بلاڪ ٽو ۾ ليبر پاليسي منظور ڪريو. اسلام ڪوٽ ۾ متاثر ملازمن ۽ رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو نعريبازي خبر موجب : ترڪول بلاڪ ٽو ۾ مزدورن جي ليبر پاليسيءَ واضح نه هجڻ خلاف ڪمپنيءَ جي متاثر ملازم ايم بي سومرو ۽ هريش تيجاڻي جي اڳواڻيءَ ۾ رهواسين گهمن سنگ ڀيل اوتم چند ڀيل ڀين لالوائي ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نئين پاڪستان پيپلزپارٽي جي گڏجاڻي منعقد

ڊسمبر تي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي سورهين ورسي ۾ ڀرپور شرڪت جو فيصلو

گڏجاڻي ۾ صادق علي ميمڻ، اڳوڻي ايم پي اي سيد رياض شاهه شيرازي ۽ ٻين جي شرڪت

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) نئين پاڪستان پيپلزپارٽي جي گڏجاڻي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

راڻيپور پرسان سنڌ ماڊل ايليمينٽري اسڪول ۾ ثقافتي تقريب

سنڌي ادبي سنگت جي اڳواڻ وليڏنو صديقي جي صدارت ۾ منعقد ڪئي وئي

پنهنجي ثقافت جو ڏينهن ملهائي عيد جهڙي خوشي محسوس ٿيندي آهي : اڳواڻ

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور پرسان سنڌ ماڊل ايليمينٽري اسڪول ۾ ثقافتي تقريب ... سنڌي ادبي سنگت راڻيپور جي اڳواڻ وليڏنو ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

راڻيپور : اسڪول ۾ ٿيل ثقافتي تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

دادو جي سماجي تنظيم سيتا سرجهار فورم پاران احتجاجي تحريڪ جاري

مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ 321 ڏينهن به سيتا روڊ ريلوي ڦاٽڪ رٽ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

بولان ميل هلڻ بعد به باقي مسافر ريل گاڏين جي بحالي تائين جدوجهد جاري رهندي : مشهور ميمڻ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي سماجي تنظيم سيتا سرجهار فورم پاران مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هلندڙ احتجاجي تحريڪ کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ناروشاهه پرسان ڊيوٽي تي ويندڙ پوليس اهلڪار کان ڦر

مزاحمت ڪرڻ تي ڪيس تشدد ڪري سرڪاري وردي پڻ لهرائي ڦورو کڻي ويا

امن امان بحال ڪرائي ڦرتيل گاڏي ۽ سامان واپس ڪرايو وڃي : مظاهرين

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه پرسان ڊيوٽي تي ويندڙ پوليس اهلڪار کان هٿياربندن جي ڦر مزاحمت ڪرڻ تي ڪيس تشدد ڪري سرڪاري وردي پڻ لهرائي ڦورو کڻي ويا پوليس اهلڪار ۽ سندس وارثن جو ٿاڻي آڏو احتجاج. ناروشاهه پرسان نوشهروفيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران ميونسپل گرلز هاءِ اسڪول جو دورو

اسڪول انتظاميا جي لائبريري روم جي ڪلاسن کي بهتر بڻايو وڃي : اسسٽنٽ ڪمشنر

اسڪول کي رنگين گلن سان سجايو ويو جيئن ته طلباءَ کي پرسڪون ماحول ۾ تعليم فراهم ڪئي وڃي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي صوبيه فلڪ راڻو جي هدايتن تي گورنمينٽ نيشنل ميونسپل گرلز هاءِ اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر : اسسٽنٽ ڪمشنر جو دوري دوران ورتل فوٽو

ڪراچي ۾ سنڌ جي روايتي ڪاڏن بابت اوطاق هوٽل تي شاندار تقريب

اسان سنڌ جا ماڻهو مهمانواز آهيون ۽ اوطاقون اسان جي ثقافت جو حصو آهن : اڳواڻ

اهوئي سبب آهي جو اسان سنڌ جا ماڻهو مهمانوازي جي ڪري دنيا ۾ سڃاتا وڃون ٿا

ڪراچي (باغي ساگر ڀڻوار) ڪراچي ۾ سماجي ويلفيئر تنظيم جي پاران سنڌ جي روايتي ڪاڏن جي حوالي سان اوطاق هوٽل تي شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب جي صدارت ٽاليواري قومي راڳي بيدل مسرور ڪئي جڏهن ته مهماني خاص سينئر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سکر ۾ ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس پاران ريلي

اينٽي ڪرپشن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي ڪڍي وئي

ريلي ڪڍڻ جو مقصد اهو آهي ته ڪرپشن ملڪ ۾ هڪ لعنت بڻجي وئي آهي : اڳواڻ

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽڪس ڊپارٽمينٽ سکر ريجن پاران اينٽي ڪرپشن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سکر آفيس کان ايوب گيٽ تائين ڪرپشن ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي اڳواڻي ڊائريڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر : اينٽي نارڪوٽيڪس کاتي پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

دادو ۾ پ پ اڳواڻ غلام شبير ابڙو جي جنازا نماز ادا

نماز ۾ اڳواڻو پ پ ايم اين اي رفيق احمد جمالي ۽ ٻين جي شرڪت

غلام شبير ابڙو جي وڇوڙي تي پ پ سوڳوار بڻجي وئي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پ پ پ ضلعي دادو جي سينيئر نائب صدر غلام شبير ابڙو جي جنازا نماز اڄ سندس اباڻي ڳوٺ قلجي وليج ۾ ادا ڪئي وئي، نماز ۾ اڳواڻو پ پ پ ايم اين اي رفيق احمد جمالي، پ پ پ جو اڳواڻو ايم اين اي عرفان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سنڌڙي پرسان ڳوٺ عبدالڪريم شر ۾ ايڪتا جي حوالي سان تقريب

معصوم ٻارڙن نعت ترانو ملي نغمن تي رقص ڪيو ٻارڙن پاران ٽيبلو پيش ڪيا ويا

ٻارڙن جي تعليم سان گڏ ذهني طور اوسر لاءِ پروگرام منعقد ڪرڻ ضروري آهن : اڳواڻ

سنڌڙي (رپورٽر) سنڌڙي پرسان ڳوٺ عبدالڪريم شر ۾ ايڪتا جي حوالي سان هڪ يادگار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ معصوم ٻارڙن نعت ترانو ملي نغمن تي رقص ڪيو ٻارڙن پاران ٽيبلو پيش ڪيا ويا تقريب کي خطاب ڪندي امجد علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٺٽون ڪوٽ پرسان گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ثقافتي تقريب

گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول گل محمد جوڻيجو ۾ ثقافتي تقريب رچائي وئي

اهو پيغام ڏيڻ چاهيون ٿا ته اسان جي ٻولي ۽ ثقافت ۽ تهذيب ڪيتري شاهوڪار آهي : اڳواڻ

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ پرسان گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول گل محمد جوڻيجو ۾ ثقافتي تقريب رچائي وئي، جنهن ۾ شاگردن ثقافتي لباس پائي شريڪ ٿين سان گڏ قومي ۽ ثقافتي گيتن تي ٽيبلوز پيش ڪري سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٺٽون ڪوٽ : ثقافتي تقريب دوران ٻارڙا ٽوپيون ۽ اجرڪ پهري ويٺل آهن

مانجهند ۾ جسقم ناري تحريڪ اڳواڻ مرڪ جان پيرزادو جي وارثن ۽ قومپرست ڪارڪنن پاران ريلي

ڪامريڊ مرڪ پيرزادو جي مبينا قاتي ڪاڏال لاش واري واقعي ۾ گهربل جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ احتجاج ڪيو ويو

واقعي کي 26 ڏينهن گذري ويا آهن پر پوليس مک جوابدار سيف جتوئي ۽ ٻين کي گرفتار نه ڪري سگهي آهي : مظاهرين

ايس ايس پي حيدرآباد ڪيس ڪابه دلچسپي نٿو وٺي، معاملي جو نوٽيس وٺي فوري طور جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) جسقم ناري ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

مانجهند : مرڪ پيرزادو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

عوامي طاقت سان معظم

عباسي مخالفن کي شڪست

ڏني : جي ڊي اي اڳواڻ

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو اليڪشن ويجهو ايندي ئي سياسي جماعتن جي هڪ ٻئي جي خلاف الزام بازي ۽ بيان بازيون شروع ٿي ويون ان حوالي سان اج جي ڊ ا ي جي اڳواڻن عبدالحفظ سامٽو، شاهد سومرو، عبدالسمع هلو ۽ سدعمران حذر شاهه سٽي پريس ڪلب لاڙڪاڻو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

محفوظ سفر جي فراهمي حڪومت ۽ انتظاميه جي ذميواري آهي : محمد جاويد ميمڻ

سنڌ بلوچستان کي ملائيندڙ روڊ عارف بلبروٽ سروس روڊ نه هجڻ جي ڪري حادثا ٿيڻ روز جو معمول بڻجي چڪو آهي

گاڏين جو دٻاءُ وڌڻ سان روز جي حادثن ۾ ڪيترين ئي انساني جانيون ضائع پڻ ٿي چڪيون آهن

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ چيو آهي ته سنڌ بلوچستان کي ملائيندڙ روڊ عارف بلبروٽ سروس روڊ نه هجڻ جي ڪري حادثا ٿيڻ روز جو معمول بڻجي چڪو آهي، عارف بلبر روڊ تي سڄو ڏينهن ۽ رات جي وقت هيوي ٽريفڪ جاري رهندي آهي، وڏين گاڏين، ٽرالن، مسافر ڪوچن، بسن جي ڪري ننڍين گاڏين جي مسافرن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽل ڪئنال ٽو منصوبي کي پ پ پ اڳواڻ سسئي پليجو رد ڪري ڇڏيو

نگران وفاقي حڪومت جا پاڻي بابت فيصلا قبول ناهن. سنڌ جي نمائندن کي ايڪنڪ اجلاس ۾ ٽل ڪينال ٽو جي مخالفت ڪرڻ گهرجي : سسئي پليجو

هي منصوبو سنڌ لاءِ انتهائي خطرناڪ آهي حصي ڪان به گهٽ ملندڙ پاڻي مان به ڪٽوتي ڪري جيڪو پاڻي ملي ٿو ڪينالن ذريعي به پاڻي چوري ڪيو وڃي ٿو

سنڌ جي نگران حڪومت منصوبي جي مخالفت ڪري پچڙي وارن سميت سڄي سنڌ انهي منصوبي خلاف آهي، ڪينال ٽو 91 ع واري پاڻي ورهاست خلاف آهي

ٺٽو (رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ) ٽل ڪئنال ٽو منصوبي کي پ پ پ اڳواڻ سسئي پليجو رد ڪري ڇڏيو هن پنهنجي بيان ۾ چيو ته سنڌ هن وقت به پاڻي جي ڪٽ جي منهن ڏئي رهي آهي نگران وفاقي حڪومت جا پاڻي بابت فيصلا قبول ناهن سنڌ جي نمائندن کي ايڪنڪ اجلاس ۾ ٽل ڪينال ٽو جي مخالفت ڪرڻ گهرجي. هي منصوبو سنڌ لاءِ انتهائي خطرناڪ آهي حصي ڪان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽو : سسئي پليجو (فائيل فوٽو)

بدين جي انڊس اسپتال کي بجيٽ جاري نه ٿي سگهيو

اسپتال ۾ داخل سوين مريض علاج جي سهولت کان محروم ٿي ويا

اسپتال جي ملازمن بجيٽ ۽ پگهار جاري نه ٿيڻ خلاف ڊرٽو هڻڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

واهر نه ٿيڻ سبب اسپتال جي ايمرجنسي جي سروس جاري جو به اعلان ڪيو ويو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) نگران سنڌ حڪومت پاران ڊاڪٽر سڪندر منڊرو انڊس اسپتال کي بجيٽ جاري نه ڪرڻ سبب اسپتال زوال جو شڪار ملازمن کي پگهارون نه مليون پراڻي ۽ نئين اسپتال جبي او بي ڊي سميت ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

بدين ۾ بشنين جيب ڪترن جا گروپ سرگرم ٿي ويا، اختيارين خاموش

ڊاڪٽر عثمان سومرو جي پٽ اياز لطيف سومرو جي جنازي ۾ شريڪ ڪيترن ئي ماڻهن جا کيسا ڪٽجي ويا

جنازي ۾ شريڪ ڪافي ڪانڌي قيمتي سامان جهڙوڪ موبائلن ڪيش رقم شناختي ڪارڊن کان محروم ٿي ويا

جيب ڪترن خلاف فوري ڪارروائي ڪري قيمتي سامان کان محروم شهرين کي سندن سامان واپس ڪرايو وڃي : متاثر

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ بشنين جيب ڪترن جا گروپ سرگرم جيڪي جنازن ۾ شريڪ ڪانڌين کي به نٿا بخشين گذريل ڏينهن ڊاڪٽر عثمان سومرو جي پٽ اياز لطيف سومرو جي جنازي ۾ شريڪ ڪيترن ئي ماڻهن جا کيسا ڪٽجي ويا جنهن ڪري جنازي ۾ شريڪ ڪافي ڪانڌي پنهنجي قيمتي سامان جهڙوڪ موبائلن ڪيش رقم شناختي ڪارڊن وغيره کان محروم ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪڍڻ - ڊيپلو مين روڊ عوام لاءِ ناسور بڻجي ويو، رهواسي ڏچي ۾ اچي ويا

هاءِ ويز کاتي روڊ ٺٽڻ لڳو مورين ۾ استعمال ٿيل ناقص سريي سبب مورين ٺٽڻ لڳيون

مورين ٺٽڻ ڪري ايڪسيڊنٽ روز جو معمول بڻيل. لاڳاپيل اختيارين ڪو نوٽيس نه ورتو

ڪامورن خانا پوري ڪري مورين ۾ نالي ماتر سريو لڳرائي اسان کي جانين کي خطري لائق بڻائي ڇڏيو

ڪڍڻ (رپورٽ محرم علي ملاح) ڪڍڻ - ڊيپلو مين روڊ عوام لاءِ ناسور بڻجي ويو هاءِ ويز کاتي روڊ ٺٽڻ لڳو مورين ۾ استعمال ٿيل ناقص سريي سبب مورين ٺٽڻ لڳيون مورين ٺٽڻ ڪري ايڪسيڊنٽ روز جو معمول بڻيل ڳوٺاڻن پاران ٺيڪدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪڍڻ : انتظاميه جي نااهلي سبب تباهه ٿيل روڊ جو ڏيک

دادو ۾ 20 سالن جو اظهر پٽ پريل

پکيهو گهريلو اڻبڻت تان پاڻ مٿان

پسٽل جو فائر ڪري ڇڏيو

دادو (ن سنڌيار) دادو شهر جي پٽي ڪالوني جي رهواسي نوجوان 20 سالن جو اظهر پٽ پريل پکيهو گهريلو اڻبڻت تان پاڻ مٿان پسٽل جو فائر ڪري ڇڏيو جنهن کي نازڪ حالت ۾ سول اسپتال دادو آندو ويو جتي زخم جا تاب نه سهندي نوجوان فوت ٿي ويو، اهڙي اطلاع تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

جان محمد سوسائٽي ۾ اي سي پاران کلي ڪچهري منعقد

تمام جلد ڪوشش ڪري آبادگارن کي سرڪاري ريٽ تي پاڻ وٺي ڏبو : اسسٽنٽ ڪمشنر

بليڪ تي ويڪرو ڪندڙ دڪاندارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي : ردا زهرا ٽالپر

سرڪاري اگهه کان وڌيڪ ريٽ وٺندڙ دڪاندارن جا دڪان سيل ڪري سندن خلاف سخت قانوني ڪئي ويندي

عادلپور/ جان محمد سوسائٽي (رپورٽ اسلم مهر / غلام رسول مهر) جان محمد سوسائٽي اسسٽنٽ ڪمشنر خانڳڙهه ردا زهرا ٽالپر مختيار ڪار خانڳڙهه احمد دين مهر پاران يوسي قاضي بادل مهر جي آفيس ۾ کلي ڪچهري ڪئي وئي، آبادگارن پاران پاڻ نه ملڻ جون شڪايتون انهي موقعي تي آبادگارن پاران پاڻ بليڪ تي ملڻ جون ڏانهون آباگارن پاران پاڻ جي في بوري تي به هزار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

وارهه جي تعليم دوست ڪردار مقتول شهيد ارشد ناز آرائين جي پنجين ورسي تقريب

مقتول جي ورسي تقريب سندس قائم ڪيل اداري المهراڻ پبلڪ اسڪول ۾ لالا جاويد احمد بروهي جي نگراني هيٺ ٿي گذري

مقتول جي بيرحماڻي قتل کي پنج سال گذري ويا پر سندس خون سان انصاف نه ٿي سگهيو، سندس قاتل اڃا تائين نامعلوم بڻيل

تقريب دوران انصاف ڪندڙ ادارن ۽ اعلي اختيارين کان مقتول جي خون سان انصاف ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

وارهه (رپورٽر) وارهه جي تعليم ۽ انسان دوست ڪردار جي مالڪ مقتول شهيد ارشد ناز آرائين جي پنجين ورسي سندس پاران قائم ڪيل اداري المهراڻ پبلڪ اسڪول وارهه ۾ پرنسپال لالا جاويد احمد بروهي جي نگراني هيٺ ساده تقريب منعقد ڪرائي ملهائي وئي. تقريب ۾ سياسي سماجي ڪارڪن ۽ صحافين ڪامريڊ غلام مصطفي ڪاهوڙي، مظفر قاضي، نياز حيدري، ايڊوڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

وارهه : ورسي تقريب دوران اڳواڻ ويٺل آهن

ٺٽو : ڊپٽي ڪمشنر اسد علي

خان پاران يونين ڪائونسل

ڏاٻلجي ۾ کليل ڪچهري منعقد

ٺٽو (د ر) ڊپٽي ڪمشنر اسد علي خان پاران يونين ڪائونسل ڏاٻلجي ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪري تعلقي ميرپور ساڪرو خاص طور تي ڏاٻيجي، مارڪيٽ، گهارو (ٽپو گهارو) جي زميندارن جا مسئلا ٻڌي درخواستون وصول ڪيون ۽ لاڳاپيل عملدارن کي موقعي تي ئي حڪم پڻ جاري ڪيا، ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

گل بانو خاصخيلي اسان جي نياڻي آهي : ايڊوڪيٽ نجم الدين لغاري

متاثر نياڻي سان اسان جو مڪمل ساٿ آهي وحشي درندي علي بلوچ جي گرفتاري جي گهر ڪيون ٿا

سمورا سهولتڪار گرفتار ڪيا وڃن انتظاميه تعاون ڪري متاثر نياڻي جي واقعي جي اڻ ڌري جاچ ڪري

معاملي جو نوٽيس وٺي وحشي درندي علي بلوچ سميت سمورن سهولتڪارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

ٽنڊو محمدخان (د ر) فاران شگر مل ڪالوني اندر نياڻي گل بانو خاصخيلي کي جنسي زيادتي جو نشانو بڻايو ويو هو ۽ ناري سان زيادتي ڪندڙ جوابدارن ۽ ان جي سهولتڪارن جي گرفتاري لاءِ سنڌ هاري ڪاميٽي اڳواڻ ايڊوڪيٽ احمدنواز انقلابي، ناميارو قانوندان ايڊوڪيٽ جي ايم لغاري، سنڌ لغاري تنظيم جي چيئرمين ايڊوڪيٽ نجم الدين لغاري، ذوليخان فائونڊيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 12 ڊسمبر 2023ع

عوام ۾ هراس ڇو پکيڙيو وڃي ؟!

هڪ طرف حڪومت طرفان اهي اعلان ڪري عوام کي ڀروسو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته عام چونڊون اعلانيل تاريخ تي ئي ٿينديون. ان ۾ ڪو شڪ شبهو ۽ ابهام نه هجڻ گهرجي ته ٻئي پاسي دهشتگرديءَ جي امڪان بابت بيان ڏنا پيا وڃن. پريس ڪانفرنسون ڪري غير يقيني پيدا ڪئي پئي وڃي. اهڙي ئي هڪ پريس ڪانفرنس گهرو معاملن جي نگران وفاقي وزير سرفراز بگٽيءَ به ڪئي آهي. اسلام آباد ۾ ڪيل پريس ڪانفرنس ۾ هن چيو آهي ته، پر امن عام چونڊون يقيني بڻائڻ لاءِ حڪومت پوري ريت تيار آهي. گڏوگڏ هن اهو پڻ اعتراف ڪيو ته، فيبروري ۾ عام چونڊن کان اڳ سياسي اڳواڻن کي دهشتگرديءَ جا خطرا درپيش آهن. نگران وفاقي گهرو وزير سياسي اڳواڻن، خاص طور تي مولانا فضل الرحمان جي حوالي سان ٿريٽ الرٽ جو ذڪر ڪيو. هن جلسن ۽ اجتماعن دوران سياسي اڳواڻن کي دهشتگرديءَ جي خطرن وارن امڪانن جو اعتراف ڪندي [illegible]

هڪ پاسي چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪيو ويو آهي ته ٻئي طرف ائين ٿو محسوس ٿئي ته ڄڻ منتري ۽ سنتري عوام کي ڊيڄارڻ ۽ خوفزده ڪرڻ جي مشن تي لڳل هجن. [illegible]

[illegible] پوءِ انهن جي ئي بنياد تي سينيٽ آف پاڪستان جون چونڊون ٿينديون آهن. پيپلزپارٽيءَ طرفان اها تجويز آئي آهي ته، جن علائقن ۾ حالتون صحيح ناهن، خطرا آهن، اتي چونڊون ڀلي ملتوي ڪيون وڃن. پر اسان سمجهون ٿا ته اهو به مسئلي جو حل نه آهي. باقي اگر مگر ڇڏي هر صورت ۾ اعلانيل تاريخ تي چونڊون ڪرايون وڃن. هر سياسي ڌر کي هڪجهڙا موقعا ملڻ گهرجن. باقي امن امان قائم رکڻ حڪومت جو ڪم آهي ۽ بدامنيءَ کي بهانو بڻائي چونڊون ڪرائڻ کان گوٽنات نه ڪئي وڃي.

سنڌ جي نگران حڪومت جو غير آئيني ڪم ۽ تڪراري فيصلا

تحرير: ساگر ميمڻ

موجوده دور ۾ سنڌ جي حالت اُن يتيم ٻار جهڙي ٿي وئي آهي، جنهن جي لاءِ پنهنجي ملڪيت، ڌن ۽ دولت مالي ۽ جاني خطرو بڻجي وئي هجي. سنڌ جي حالت به ماضي کان حال تائين انهيءَ يتيم ٻار جهڙي بڻجي وئي آهي. سنڌ جي تاريخ پڙهجي ٿي ته عربن کان انگريز جي دور تائين سنڌ تي ڪاهون انهيءَ مقصد جي خاطر ڪيون ويون هيون ته سنڌ کي مال غنيمت سمجهي لٽجي ۽ ڦرجي. پوءِ سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪيا ويا. سنڌ جي زرعي ۽ معدني وسيلن کي لٽيو ويو. مال ملڪيت تي ڌاڙا هنيا ويا. سنڌ جي نياڻين جي عصمت دري ڪئي وئي. سنڌي جي ماڻهن مٿان جابرانه ۽ ڦهري ڪارروايون ڪيون ويون. هيءَ ته عربن کان انگريزن جي دورن تائين جي هڪ تاريخي ڪهاڻي هئي. پر سنڌ معاهدي تحت هن ملڪ جو حصو بڻيو هئي. پر انتهائي افسوس جوڳيءَ ڳالهه هي آهي ته اڄ به سنڌ جي مٿان عربن ۽ انگريزن جي دور جهڙيون هلائون ۽ ڪاهون جاري آهن. هن ملڪ جي وفاقي تاريخ جا ورق گواهه آهن ته منظم سازش جي تحت ڌرتي ڌڻين جو زمينون ٻاهرين صوبن جي ماڻهن ۾ مال غنيمت طور ورهايون ويون. انعامن ۽ اڪرامن ۾ ڏنيون ويون. جڏهن ته حيرت جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته موجوده سنڌ جي نگران سرڪار پڻ سنڌ جي زمينن، وسيلن ۽ اثاثن کي مال غنيمت طور ڏيڻ جو سلسلو جاري رکندي اچي. قانوني ۽ آئيني طور تي جائزو وٺجي ته سنڌ جي نگران سرڪار کي اُهو ڪو به اختيار ئي ڪونهي. پر سنڌ جي نگران سرڪار آئين ۽ قانون کان هٽي عجيب ۽ غريب فيصلا ڪندي رهي ٿي. جنهن ۾ سرفهرست هيٺيان معاملا ۽ فيصلا آهن.

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران سنڌ جو تاريخي ۽ قديمي ورثو، خوبصورت ۽ حسناڪين سان ڀرپور اثاثي ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف فيصلو ڏيندي نه فقط ڪارونجهر جي ڪٽائي روڪڻ جو حڪم ڏنو هو. پر هاءِ ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ ڪارونجهر کي قومي ورثو پڻ قرار ڏنو هو. سنڌ جي نگران حڪومت پاران هاءِ ڪورٽ جي ڏنل فيصلي تي عمل ڪرڻ جي بدران سپريم ڪورٽ ۾ وڃڻ جو اعلان ڪيو ويو. سوال هيءَ آهي ته ڇا نگران حڪومت جو اُهو اختيار آهي ته اُهو سنڌ جي ملڪيتن ۽ اثاثن جي نيلامي ڪري سگهي ٿي، يا انهن کي ليز تي ڏئي ڇڏي؟ ظاهر آهي ته هن ملڪ جو آئين ۽ قانون سنڌ جي نگران صوبائي حڪومت کي اُهو اختيار نٿو ڏئي. پر حيرت جي ڳالهه هيءَ آهي ته سنڌ جو نگران وزيراعليٰ مقبول باقر "رٽائرڊ چيف جسٽس" پڻ رهيو آهي. پر ملڪ جي آئين ۽ قانون کيس رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ ايترو جلدي وسري ويو. جيڪي ڪم انهيءَ جي دائري اختيار ۾ نٿا اچن. هو اُهي ڪم ڪرڻ لڳو آهي.

وفاقي ۽ صوبائيءَ نگران حڪومت ۽ اليڪشن ڪميشن طرفان سابق سنڌ حڪومت جا جيڪي ترقياتي ڪم ۽ اي ڊي پي جي اسڪيمن جا ڪم هلندڙ هئا. انهن سمورن ڪمن تي پابندي لڳائي وئي هئي، جڏهن ته پنجاب سميت باقي ٻين صوبن ۾ ترقياتي ڪم هلي رهيا آهن. فقط سنڌ ۾ ترقياتي اسڪيمن ۽ ڪمن تي پابندي لاڳو ڪئي وئي.

پاڪستان پيپلز پارٽي پاران ڪجهه وقت اڳ سنڌ ۾ نگران حڪومت ۽ اليڪشن ڪميشن جي ڪيل فيصلي جي بابت سنڌ جي اڳوڻو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه طرفان پريس ڪانفرنس ڪئي وئي. هن انهيءَ فيصلي جي سخت مخالفت ڪندي اعتراض واريو هو. ۽ پنهنجي خدشن جو اظهار پڻ ڪيو. هن جو هيءُ چوڻ هو ته ٻين صوبن ۾ ڪم هلندڙ آهن. سنڌ جي ترقياتي ڪمن تي پابندي لاڳو ڪرڻ زيادتي آهي. هن چيو ته اسان ترقياتي رٿائن جا پيسا به رکي ڇڏيا آهن. پر پوءِ فنڊن کي خرچ ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي. ٿيڻ ته ائين گهرجي ها ته وفاقي ۽ صوبائي نگران حڪومت ۽ اليڪشن ڪميشن انهيءَ معاملي جو نوٽيس وٺي، ترقياتي رٿائن تان پابندي ختم ڪري ڇڏين ها. پر انهيءَ جي ڳالهه جي ابتڙ هن جي ڪن تي جونءِ به نه سري! ائين لڳي ٿو ته هنن جي لاءِ مڙئي خير ٿيو. سنڌ حڪومت پاران هلندڙ ترقياتي ڪمن تي پابندي لڳڻ کان پوءِ عوام کي ڪوڙ سارين مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پئجي رهيو آهي. روڊ رستن جا هلندڙ ڪم بند ٿي وڃڻ ڪان پوءِ عوام جي لاءِ آزار ۽ مشڪلاتون پيدا ٿي ويون آهن. هڪ ته زمانا لڳي وڃن ٿا ته روڊ رستن جا ڪم ٿيندي، پر جيڪڏهن ٿين به ٿا . ته اسان جي نگران حڪومت جي مهرباني سان پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي. پر آئون هتي هن ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو ته سنڌ جو ٻيون سياسي، قومي ۽ مذهبي پارٽين طرفان وفاقي، صوبائي ۽ اليڪشن ڪميشن جي فيصلي تي مخالفت، تنقيد ڪرڻ جي بدران هيءَ سوچي مڪمل خاموشي اختيار ڪئي وئي ته هن سان پ پ کي سياسي ۽ عوامي فائدو حاصل ٿيندو. پر جيڪڏهن مخالفت ڪئي وئي ته پ پ کي نقصان ٿيندو. تنهنڪري هن مسئلي تي خاموشي ئي اسان جي لاءِ بهتر ۽ ٺيڪ رهندي ۽ پوءِ هنن چپ جو روزو رکي ڇڏيو.

سنڌ جي نگران حڪومت پاران هڪ ٻيون عجيب ۽ غريب فيصلو ڪيو ويو آهي. سنڌ جي نگران حڪومت پاران سنڌ جي خالي پيل سرڪاري زمينون فوج جي قائم ڪيل ڪمپني کي جوائنٽ وينچر منصوبن جي لاءِ آلاٽ ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. پهرين مرحلي ۾ 52713 ايڪڙ سرڪاري زمين ڏني وئي آهي. اُن سان گڏ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته آئنده جيڪا به زمين خالي ٿيندي، اُها وفاقي ڪمپني کي ڏني ويندي. پهريون سوال هيءَ آهي ته سنڌ جي نگران حڪومت اهو ڄاڻايو آهي ته خالي پيل سرڪاري زمين منصوبن جي لاءِ آلاٽ ڪئي وئي آهي. جڏهن ته سجاول ضلعي سميت ڄاڻايل ضلعن جون ڪيتريون زمينون خالي ئي ڪونهي. جيڪي مقامي ماڻهن جي گذر معاش ۽ مالوند جي لاءِ ڪاڌ خوراڪ جو ذريعو بڻيل آهن. ٻيو سوال آهي ته ڇا نگران حڪومت کي هيءَ اختيار آهي ته هو صوبائي زمين ڪنهن سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڪمپني کي نيلام يا ليز تي ڏئي سگهي ٿي؟ نگران حڪومت کي ڪو به اختيار ئي ڪونهي ته صوبي جي ماڻهن جو زمينون ٻئي ڪنهن ڪمپني کي نيلام ڪري ڇڏي يا ليز تي ڏئي. پر آئين ۽ قانون جي مطابق ته چونڊيل صوبائي حڪومت کي به اُهو اختيار حاصل ڪونهي. پر خبر ناهي ڇو! نگران وزيراعليٰ سابق چيف جسٽس مقبول باقر اهڙا ڪم ڪندي هڪ لمحي جي لاءِ به نٿو سوچي ته هن ڪم بابت آئين ۽ قانون ڇا ٿو چوي!! پر شايد هو آئين ۽ قانون جي بابت سوچڻ جي بدران شاهه کان وڌيڪ شاهه سان وفاداري جو ثبوت ڏئي رهيو آهي.

جيئن ته سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي ڪوشش سان اليڪشن ڪميشن پاران سموري ملڪ ۾ فيبروري ۾ چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. وفاقي ۽ صوبائي نگران حڪومتن جو هيءَ ڪم آهي ته ملڪ ۽ صوبي ۾ صاف ۽ شفاف اليڪشن ڪرائڻ جي تياري ڪن. حالانڪ نگران حڪومتن جو ڪم به اُهو ئي آهي ته اليڪشن جي تياري ڪرڻ ۽ انتظامي ڪاروهنوار جهڙو به آهي. اُن کي اليڪشن ٿيڻ تائين سنڀالي هلائڻ آهي. پر سنڌ جي نگران حڪومت جي رويي ۽ طريقيڪار مان لڳي ٿو ته اُها پاڻ کي آئين تي محسوس ڪري ته ڄڻ ته ڪا چونڊجي آئي آهي. ۽ هو جيڪا ڪم ڪري رهي آهي. آئين ۽ قانون اُن کي اجازت ڏئي ڇڏي آهي. سنڌ جي نگران حڪومت کي هن غلطي فهمي ۽ خوشفهمي مان نڪرڻ گهرجي. ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته نگران حڪومت کي جنهن به ڪم جي لاءِ آندو ويو آهي. ۽ اُن کي اُهوئي ڪم ڪرڻ گهرجي. آئين ۽ قانون تي عمل ڪندي سنڌ جي وسيلن. اثاثن ۽ زمينن سان هٿ چراند ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي.

تاريخي طور ثابت آهي ته وفاق سنڌ جي زرعي. معدني وسيلن. زمينن. اثاثن ۽ ورثن تي قابض رهيو آهي. هو سنڌ جي زرعي ۽ معدني وسيلن مان ڳراهه ته کائي ٿو. پر سنڌ کي اُن نظر سان ڏسي ٿو ته ڄڻ ته ٻئي ملڪ جو صوبو آهي. هو اڄ به سنڌ سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ روا رکيو اچي. سنڌ جي پاڻي ۽ ناٽي تي قبضو آهي. وسيلن ۽ زمينن قابض بڻيل آهي. هو سنڌ کي فتح ڪيل علائقو سمجهن ٿا ته ڪڏهن سنڌ جي زمينن کي مال غنيمت سمجهي ورهايو وڃي ٿو ۽ ڪڏهن انهيءَ جي زمينن کي نيلام يا ليز تي ڏنو وڃي ٿو. بهرحال! وفاقي ۽ صوبائي نگران حڪومت پاران سرڪاري زمينون ڪمپني کي ڏيڻ جي فيصلي خلاف سنڌ جي ماڻهن ۽ سياسي ڌرين سخت ڪاوڙ ۽ رنج جو اظهار ڪيو آهي. تنهنڪري نگران حڪومت کي گهرجي ته اُهو فيصلو واپس ورتو وڃي ۽ سنڌ جي وسيلن. زمينن ۽ اثاثن سان هٿ چراند ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي.

ڇا نگران حڪومت کي هيءَ اختيار آهي ته هو صوبائي زمين ڪنهن سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڪمپني کي نيلام يا ليز تي ڏئي سگهي ٿي؟ نگران حڪومت کي ڪو به اختيار ئي ڪونهي ته صوبي جي ماڻهن جو زمينون ٻئي ڪنهن ڪمپني کي نيلام ڪري ڇڏي يا ليز تي ڏئي. پر آئين ۽ قانون جي مطابق ته چونڊيل صوبائي حڪومت کي به اُهو اختيار حاصل ڪونهي. پر خبر ناهي ڇو! نگران وزيراعليٰ سابق چيف جسٽس مقبول باقر اهڙا ڪم ڪندي هڪ لمحي جي لاءِ به نٿو سوچي ته هن ڪم بابت آئين ۽ قانون ڇا ٿو چوي!!

تڙي طبيبنِ، گهايلُ گهران ڳَڏيو؛
ڇِڪيا چاڪَ چِيهُون ڪري، ڳَڙيُون مور نه ڳَنِ؛
دوستَ جي درسنَ سين، پَٽي نارُ نَپَنِ؛

جهوڪ ڪيئن جهريون ؟

فاروق احمد سرگاڻي

صوفي شاهه عنايت سنڌ ڌرتي دنيا جي سيني هارين جي حقن جي ڳالهه ڪندڙ شايد دنيا جو پهريون ماڻهو هجي. جنهن ايڏي وڏي تحريڪ هلائي. پر افسوس اهو آهي ته سنڌ جي ماڻهن کي هن مهان شخصيت جي جدوجهد جي خبر گهٽ آهي. شاهه عنايت سماج مان طبقاتي اُڀرابري ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

شاهه عنايت بنيادي طور تي هڪڙي پختي سياسي شخصيت هو جنهن وڏي پيماني تي "جو ڪيڙي سو کائي" تحريڪ هلائي سنڌ جي جاگيردارن جي جيلهه جهڙي ڪري ڇڏي ۽ پنهنجو آکيرو وجهي ٺٽي شهر کان 35 ميلن جي مفاصلي تي جهوڪ شهر ۾ اڏيو.

شاهه عنايت تمام گهڻو ڏاهو شخص هو جنهن قرآن پاڪ کان پوءِ سعدي، حافظ ۽ رومي جو به چڱي طرح مطالعو ڪيو هن بنيادي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ملتان جي عالم شيخ شمس الدين ملتاني وٽ ڪجهه عرصي تائين تعليم پرائي. ان کان پوءِ پاڻ برصغير جي ٻين وڏن ليکڪن سان ملاقاتون ڪيون. ۽ حيدرآباد دکن وڃي پهتو جتي ان جي ملاقات شاهه عبدالملڪ سان ٿي.

ان کان پوءِ هي موٽي اچي جهوڪ شريف ۾ ترسيو ۽ جيڪا جاگير وڏن کان مليل هئي اها هارين ۾ ورهائي ڇڏي. ۽ گڏيل کيڙڻ جي عمل جي شروعات ڪئي. سيئي هارين سموري زمين تي گڏجي ڪم ڪندا هئا ۽ هر ڪوئي پنهنجو پورائي رکي ٻيو بچيل فصل ٻين ضرورتن جي لاءِ رکيندا هئا. تمام جلدي گهڻا ماڻهو پنهنجو جاگيرو شاهه عنايت جي جاگيرن سان ضم ڪرڻ لڳا. تنهن وقت هڪڙو فيوڊل ڪلاس وجود ۾ اچي چڪو هو جو ته مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ تدين مان ڪينال کڏي ڪري چڱي خاصي زمين کي آباد ڪئي. انهن سمورين جاگيرن تي ڪنهن به قسم جي ٽيڪس ڪونه هوندي هئي. جيڪي ملن. پنڊتن. پيرن ۽ جاگيردارن جي ملڪيت هوندي هئي. ۽ هيٺيون طبقو پيڙيل هوندو هو.

اها ڳالهه ان جي جاگيردارن لاءِ قابل ئي قبول ڪونه هئي. انهي ڪري ان وقت جي مقامي جاگيردار جنهن ۾ سرفهرست حمل جت ۽ نور نبي پليجو جو نالو ملي ٿو. انهن ٺٽي شهر جي گورنر نواب اعظم خان سان ملي ڪري، مغل بادشاهه فرخ سير جي حڪم سان جيڪا شاهه عنايت جي سڌ نهي يا جيڪي ان جا روحاني فقير يا اجتماعي فائدي جي ڪري جيڪي گڏ ٿيا. انهن جي خلاف هڪ سگهاري جدوجهد جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ بيدردي سان عام ماڻهن جو قتل عام ڪيو ۽ فوج ڪي گڏ ڪري جهوڪ شهر جو گهيراءُ ڪيس اهو گهيراءُ ڇئين مهينن تائين جاري رهيو. يقينن هي تمام وڏي جنگ هوندي جيڪا سچا سارا چار مهينا هلي.

شاهه عنايت جي ماڻهن بهادري سان ڇئين مهينن تائين مقابلو ڪيو ۽ آخر تائين وڙهندا رهيا. يقينن شاهه عنايت تمام وڏو جنگي جاڻو هو. تنهن ڪري ته فقيرن سان گڏجي منهن ٽوڙ جواب ڏنو جيڪو يقينن تمام وڏي ڳالهه هئي. فقيرن جهوڪ شهر جي ٻاهران خندقون کوٽيون جنهن سان وڏو فائدو اهو ٿيو ته انهن ماڻهن کي آساني سان اڳتي اچڻ ڪونه ڏنو. ٻيون وري فقيرن خفيا طريقي سان گوريلا جنگ وڙهي جو ته اهي ميدان جنگ ۾ نه وڙهي سگهيا ۽ انهن وٽ سٺا هٿيار ڪونه هئا.

ان وقت ظاهري ڳالهه آهي ته معاشي بحران به ٺٽي ۾ آيو هوندو. ان جو فائدو شاهه عنايت کي ٿئي ها ليڪن هن ٻاهرين ماڻهن جي اچڻ تي پابندي مڙهي ان سان تحريڪ کي وڏو نقصان ٿيو جڏهن هنن ڏٺو ته اسان جهوڪ تي قبضو نٿا ڪري سگهون ۽ رهندي تحريڪ کي وڌايون پيا ته انهن صلح ۽ چالبازي واري پاليسي کي هٿي ڏني ۽ آخرڪار 1 جنوري 1718 ع تي شاهه عنايت کي صلح جي تجويز پيش ڪئي. قرآن پاڪ جي آڙ ۾ شاهه عنايت کي راضي ڪيو پر هن کي خبر ڪرڻ هئي ته هي قرآني ماڻهو آهن؟ هن سازش ۾ يار محمد ڪلهوڙي ۽ ٻيا وڏيرا. پير. مير ۽ جاگيردار هئا. نيٺ انهن شاهه عنايت کي گهرائي شهيد ڪيو پوءِ هارين جي پنيان لٽ لڳي. محقق ۽ تاريخدان چون ٿا ته 24 هزار ماڻهن کي ماريو ويو هو.

جهوڪ جي جدوجهد جو نتيجو اهو نڪري ها جيڪو فرانس انقلاب کان پوءِ نڪتو جنهن سڄي يورپ جو نقشو مٽائي ڇڏيو ۽ مڪمل طور تي جاگيرداري نظام جو خاتمو آڻي ڇڏيو. اهڙي ريت هتي اهو نتيجو ضرور نڪري ها.

جهوڪ تي قبضو ڪرڻ آسان ڪونه هو انهي ڪري شاهه عنايت کي ڌوکي سان گهرائي قتل ڪيو انهي کان پوءِ فقيرن تي وڏو ظلم ٿيو سري عام انهن کي قتل ڪيو ويو ۽ هلندڙ جدوجهد کي ماٺو ڪيو ويو.

پر يقينن شاهه عنايت جي نظري هن ملڪ جي وڏن ليکڪن کي منجهائي ڇڏيو آهي. سنڌ جو وڏو تاريخدان پير حسام الدين راشدي صوفي شاهه عنايت کي دنيا جو پهريون سوشلسٽ سڏيو آهي. ۽ شاهه محمد مري جيڪو بلوچ ليکڪ آهي انهي پنهنجي ڪتاب ۾ شاهه عنايت کي ڪميونسٽ ڪوٺيو آهي ۽ ان جي نظريي يا فڪر کي ڪميونيزم سان جوڙيو آهي. شاهه محمد مري پنهنجي ڪتاب (جهوڪ جنگ جو ڪمانڊر شاهه عنايت شهيد) جيڪو يقينن تحقيق تي ٻڌل آهي. وڌيڪ لکي ٿو. جهوڪ جي جنگ ۾ 24 هزار ماڻهو مارجي ويا هئا. پر وري صوفي حضور بخش پنهنجي ڪتاب شاهه عنايت شهيد ۾ لکي ٿو ته اٽڪل ڇهه ست هزار ماڻهن کي ڇئين مهينن جي اندر ماريو ويو حقيقت جي خبر ڪونهي ڇو ته اُن وقت جا تاريخي دستاويز ڪونه ٿا ملي. جيڪو اُن وقت جو مفيد دستاويز هجي.

شاهه محمد مري وڌيڪ لکي ٿو ته هن گهڻي گهڻي دانشورن ۽ ٻين ٻيروڪارن کي جنگ جي ميدان مان ٻاهر ڪڍيو جيئن جنگ جو نتيجو ڪجهه به نڪري پر اهي ماڻهو ايندڙ وقت لاءِ تيار هجن. ۽ ٻئي وڏي ڳالهه جيڪا مري تحقيق ڪندي ڏني ته مسلمانن سان گڏوگڏ هندن جون قبرون آهن. وڌيڪ خبر ته ٻئي ته انهن کي سارڻ جو ٻجا پوريو ڇو ويو.

صوفي شاهه عنايت سنڌ جي تاريخ جو منفرد ڪردار هو. جنهن جو ڪيڙي سو کائي جو فڪر ڏنو ۽ دائرو ناهي گڏيل ملڪيت جو تصور پيش ڪيو. سماجي ڀائيچاري ۽ مذهبي رواداري جو درس ڏنو

بقايا 01 ***

جو حتمي فيصلو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن موجب ۽ ڪشميري عوام جي امنگن موجب حل ڪيو وڃي. ڀارت کي ڪشميري عوام ۽ پاڪستان جي مرضي خلاف انهي تڪراري علائقي جي حيثيت بابت هڪ طرفو فيصلو ڪرڻ جو ڪوبه حق نه آهي. پاڪستان جمون، ڪشمير تي ڀارتي آئين جي بالادستي کي نٿو مڃي جيڪڏهن ڪوبه عمل جيڪو ڀارتي آئين جي تابع آهي ان جي ڪا به قانوني اهميت نه آهي. ڀارت ملڪي قانونسازي ۽ عدالتي فيصلي جي بهاني پنهنجي عالمي ذميوارين کان هٿ نٿو ڪڍي سگهي. 5 آگسٽ 2019 تي ڀارت جي هڪ طرفي ۽ غيرقانوني قدمن جي عدالتي حمايت قانوني دليلن تي ٻڌل انصاف جي ڀڃڪڙي آهي. رياست جي بحالي، رياستي اسيمبلي جي چونڊن کي منعقد ڪرڻ يا ساڳئي طرح جي قدمن ڪشميري عوام کي حق ڏيڻ جي متبادل نٿو بڻجي سگهي اهو فيصلو والاريل جمون ڪشمير ۾ انساني حقن جي سنگين ۽ منظم ڀڃڪڙين سان عالمي برادري جو ڌيان نٿو هٽائي سگهي. ڀارتي سپريم ڪورٽ والاريل ڪشمير جي خصوصي حيثيت رد ڪرڻ وارو ڀارتي حڪومت جو حڪم برقرار رکي ڇڏيو والاريل ڪشمير جي خصوصي حيثيت ختم ڪرڻ خلاف داخل ڪرايل اپيلون رد. ڀارتي سپريم ڪورٽ پنهنجي فيصلي ۾ چيو آهي ته ڪشمير ڀارت جو اڻ ٽٽ انگ آهي. ڀارت سان الحاق کانپوءِ ڪشمير پنهنجي گهرو خودمختياري کي برقرار نه رکيو آرٽيڪل 370 هڪ عارضي شق هئي، ڀارتي صدروٽ اختيار آهن. ڀارتي سپريم ڪورٽ پاران ڪشمير اسيمبلي جون 30 سيپٽمبر 2024 تائين اليڪشن ڪرائڻ جو حڪم. درخواست گذارن ڀارتي سپريم ڪورٽ کان والاري مون ڪشمير جي خصوصي حيثيت ۽ آرٽيڪل 370 بحال ڪرڻ جي استدعا ڪئي هئي، ڀارتي حڪومت 5 آگسٽ 2019 تي تڪراري قانونسازي ذريعي والاريل ڪشمير جي رياستي حيثيت ختم ڪئي هئي

بقايا 02 ***

جوشوا الياس ڏيڍ سال اڳ استرنالي ناريءَ سان شادي ڪئي هئي. درخواستگذار موجب جوابدار پنهنجي گهرواري کي دٻئي اماڻي ٻنيان ٻي شادي ڪري ڇڏي. پاڪستان ڪرسچن ميريج ايڪٽ جي تحت ٻئي شادي ڪرڻ ڏوهه آهي جنهن کان پوءِ عدالت ڏرين جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ مسيحي نوجوان کي سزا ٻڌائي ڇڏي. عدالت چيو ته ڏنڊ ادا نه ڪيو ويو ته وڌيڪ 2 مهينا قيد جي سزا ڀوڳڻي پوندي. عدالت جي سزا ٻڌائڻ تي مدعي جي وڪيل چيو ته پاڪستان ڪرسچن ميريج ايڪٽ جي تحت سنڌ ۾ اها پهرين سزا آهي ياد رهي ته جوابدار جي خلاف سنڌس پهرين گهرواري استرني محمود آباد ٿاڻي ۾ عدالتي حڪم تي ڪيس داخل ڪرايو هو

بقايا 03 ***

عورتن کي مائيڪرو، اسمال ۽ ميڊيم انٽرپرائز جي لاءِ قرض آساني سان ملي سگهندو ٻڌائي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته فنانسنگ جي رقم ۾ 10 ڪروڙ ڊالر پاليسي جو قرض آهي ۽ ساڳئي پروگرام ۾ 55 لک ڊالر جي گرانٽ شامل آهي جڏهن ته 5 ڪروڙ ڊالر قرض ڏيندڙ ادارن کي ڏنا ويندا. پروگرام سان 20 لک عورتن کي فائدو ٿيندو.

بقايا 04 ***

ڪرائيندا ۽ بعد ۾ پاڻ ئي پڪڙيندا آهن چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ خيبرپختونخواهه ڪسٽم اختيارين طرفان اسمگلنگ ٽيل ٽرڪ پڪڙڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن دوران چيف جسٽس ڪسٽم جي وڪيل کي چند ٻئي، چيف جسٽس چيو ته اوهان عدالت ۾ نه دليل ڏئي رهيا آهيو نه ئي ورري قانوني ڳالهيون ڪري رهيا آهيو ڪسٽم اختيارين جي علم ۾ اچڻ کان سواءِ پشاور بارڊر تان 400 ڪلو ميٽر اندر گاڏي پڪڙي وئي. ڪسٽم اختياريون پهرين پاڻ پئسا وٺي گاڏيون اسمگل ڪرائينديون آهن بعد ۾ پاڻ ئي پڪڙائينديون آهن چيف جسٽس چيو ته ڪسٽم اختيارين جي خلاف انڪوائري ڇو نه ڪئي وڃي. ٽرڪ 1996 ۾ ناهيو ويو ۽ 2016 ۾ پڪڙيو ويو. 22 سالن تائين ڪٿي هلندو رهيو اسمگلنگ ڪٿان ڪان ٿي آهي. هي ٽرڪ ماچس جي دٻي ته ناهي؟ ڪنهن رستي تان آيو. ڪسٽم اختيارين کي خبرئي نه آهي. پشاور ۾ وڃي ڏسو ڪيئن گاڏيون اسمگلنگ ٿينديون آهن. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ وڌيڪ چيو ته ڇو نه ڪسٽم جي ڪليڪٽر کي گهرائي وٺون. پاڪستان ۾ هي ڇا ٿي رهيو آهي. ڪسٽم اختيارين غير ضروري ڪيس داخل ڪيو معاملو سپريم ڪورٽ پهتو. جڏهن ته عدالتن جو وقت به ضايع ڪيو ويو اهڙن غير ضروري ڪيسن سبب عدالتن ۾ اصل ڪيس نٿا ٻڌي سگهجن. آئنده ڪسٽم اختياريون اهڙا غير ضروري ڪيس داخل ڪرڻ کان پاسو ڪن ٻڌڻي دوران جسٽس اطهر من الله چيو ته گاڏيون اسمگلنگ ٿينديون آهن ته مڪمل ٽيمپرنگ ڪئي ويندي آهي پر ٽرڪ جو چيسز نمبر ٽيمپر ٿي نه ٿيو آهي. جنهن کان پوءِ عدالت ڪسٽم جي اپيل رد ڪري ڇڏي.

بقايا 05 ***

ڊالر وس بينچ مارڪ SE_100 انڊيڪس 858 پوائنٽ وڃائي ڇڏيو پي ايس ايڪس جي ويب سائيٽ موجب رات 11 لڳي 15 منٽن تي ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 858.55 پوائنٽس گهٽجي 65 هزار 365 تي اچي ويو جيڪو گذريل ڏينهن 66 هزار 223 پوائنٽس تي بند ٿيو هو

بقايا 06 ***

ته ماضيءَ جي انهن پاليسين جي ڪري عوام کي اڄ ڀيهر قربانيون ڏيڻيون ٿيون پون، جيڪي ان فيصلي ۾ شامل هئا انهن کان پڇڻ گهرجي ته هنن جو ارادو ڇا هو؟هن چيو ته ڀارتي پارليامينٽ ۽ سپريم ڪورٽ عالمي معاهدن کي ڀيهر نه ٿيون لکي سگهن. ڀارت عالمي قانونن کي نه ٿو مڃي، عالمي برادري ڀارت جو اهڙو رويو ڪيستائين برداشت ڪندي؟بلاول چيو ته چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جا ٿورائتا آهيون جو هن شهيد ذوالفقار ڀٽو جو ريفرنس ٻڌڻ جو فيصلو ڪيو. بلاول چيو ته گهرو وزارت جي آفيس ۾ شهيدن جي ديوار قائم ڪرڻ سٺو قدم آهي بلاول ڀٽو زرداري گهرو وزارت جي آفيس جو دورو ڪري شهيدن جي ديوار تي شهيد بينظير ڀٽو جون تصويرون لڳايون

بقايا 07 ***

ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن بابت اليڪشن ڪميشن طرفان جاري ڪيل نوٽيس خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، ٻڌڻي دوران قاضي انور ايڊووڪيٽ عدالت ۾ چيو ته اليڪشن ڪميشن انٽرا پارٽي چونڊن جي خلاف ڪيس نٿو ٻڌي سگهي. جڏهن ته اليڪشن ڪميشن تحريڪ انصاف کان بيٽ جو نشان واپس وٺي سگهي ٿو عدالت پڇائو ڪيو ته اوهان ڪيئن اندازو لڳائي سگهو ٿا؟ جنهن تي قاضي انور جواب ڏنو ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي اختيارن جو مٿانهون استعمال ڪري رهيو آهي. پي ٽي آءِ جي نئين چونڊيل چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو ته 175 سياسي پارٽيون آهن. اڄ تائين ڪنهن به انٽرا پارٽي چونڊون چيلينج نه ڪيون آهن جنهن پارٽي چونڊون چيلينج ڪيون اها پارٽي جو حصو ئي نه آهي. بيرسٽر گوهر چيو ته اليڪشن ڪميشن طرفان نوٽيس اماڻيو ويو ته جيڪڏهن پيش نه ٿيندو ته غير موجودگي ۾ ڪيس ٻڌو ويندو. ڪميشن تي اسان کي خدشا آهن. پرڏيهي فنڊنگ ڪيس ۾ به صرف اسان جو ڪيس ٻڌو ويو اليڪشن ڪميشن جو اماڻيل نوٽيس غيرقانوني آهي. عدالت پڇائو ڪيو ته اوهان جو مطلب آهي ته قانون ۾ انٽرا پارٽي چونڊون چيلينج ڪرڻ جو ڪوبه سيڪشن نه آهي؟ جنهن کان پوءِ پشاور هاءِ ڪورٽ انٽرا پارٽي چونڊن تي اليڪشن ڪميشن کي پي ٽي آءِ جي خلاف فيصلو ڪرڻ کان روڪيندي 7 ڏينهن ۾ جواب جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي ڪيس جي ٻڌڻي 19 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي عدالت اليڪشن ڪميشن کي داخل ڪيل درخواست سان گڏ وائيس ڪمنٽس به جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو پشاور هاءِ ڪورٽ ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي بيرسٽر گوهر علي خان چيو ته پي ٽي آءِ 70 سيڪڙو عوام جي نمائندگي ڪندي آهي. پي ٽي آءِ کان به چونڊن جو بائيڪاٽ نه ڪندي. هن چيو ته هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي تڪرا ايڪشن کڻڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن ڪيس داخل نه ڪريون ها ته اليڪشن ڪميشن بيٽ جو نشان تبديل ڪري ڇڏي ها جيڪو ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين. تحريڪ انصاف جي چيئرمين وڌيڪ چيو ته اليڪشن ڪميشن 12 تاريخون ڏنيون ۽ ڪميشن ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو اسان کي عدليه کان بهتر اميدن جي موٽ آهي.

بقايا 08 ***

پڇي رهيو آهيان ته اهين ڇو ڪيو؟ منهنجي سوال جو ڪوبه جواب نٿو اچي نواز شريف جو پارٽي جي پارلياماني بورڊ جي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته عوام مهانگائي جي ڏهڻ ۾ ڦاٿل آهي. ملڪ خوشحال هوندو ته ماڻهن ۾ به خوشحالي ايندي هن چيو ته دنيا الائي ڪٿي پهتي آهي. پر اسان ننڍي ننڍي شئي به امپورٽ ڪريون ٿا. ان جو احساس ۽ اندازو هجڻ گهرجي ته اسان پنهنجي ملڪ سان زيادتي ڪئي آهي نواز شريف چيو ته زيادتي جو ازالو چاهيو ٿا ته پنهنجي ذات کان ٻاهر نڪرڻو پوندو. الله اسان کي ايندڙ حڪومت ڏني ته ملڪ کي سٺي نموني هلائڻ جي توفيق به ڏيندو. اهو عزم هوندو ته چونڊون وڙهنداسين ۽ کٽي به وينداسين

بقايا 09 ***

ته مسلم ليگ (ن) سنڌ ۾ باضابطا چونڊ مهم شروع ڪرڻ واري آهي. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ڪوهستاني چيو آهي ته مسلم ليگ ن لياري، ڪيماڙي، مليرءِ ڪورنگي ۾ به ورڪرز ڪنوينشن منعقد ڪندي. هن چيو ته ان سلسلي ۾ پهريون ورڪرز ڪنوينشن 15 ڊسمبر تي حيدرآباد ۾ ٿيندو. جڏهن ته نوشهروفيروز، سانگهڙ، ميرپورخاص ۾ به مسلم ليگ ن جو ورڪرز ڪنوينشن منعقد ڪيو ويندو ڪيئل داس ڪوهستاني جو چوڻ آهي ته نوابشاهه، سکر، لاڙڪاڻو ڊويزنن ۾ به جلسا منعقد ڪيا ويندا. سنڌس چوڻ آهي ته ڪنوينشن کي بشير ميمڻ، نهال هاشمي ۽ ٻيا اڳواڻ خطاب ڪندا. ڪرسمس، قائداعظم ۽ نواز شريف جي سالگرهه جون تقريبون به 20 کان 25 ڊسمبر تائين ٿينديون.

بقايا 10 ***

مخدوم امين فهيم کي صدر بڻايو هو پي ٽي آءِ جي باني وڪيل سردار لطيف کوسا چيو ته مون پنهنجي دليلن ۾ واضح چيو هو ته سزا جو فيصلو به معطل ڪيو وڃي، ٽي سگهي ٿو لکڻ ڇڏي ڏنو وڃي. جاويد هاشمي جي ڪيس ۾ سزا معطل ڪرڻ ۽ فيصلي جي ڳالهه ڪئي وئي آهي.سپريم ڪورٽ جي 3 ججن جن فيصلو ڏنو هو اهي چيف جسٽس بڻجڻ وارا آهن.هن پنهنجي فيصلي ۾ لکيو هو ته سزا سان گڏ سزا به معطل آهي. مون رڪارڊ تي چيو هو ته سزا سان گڏ سزا به معطل ڪئي وڃي.

بقايا 11 ***

اختيار ڪيو ته اُن جو هٿ وڌو پوندو.اسلام آباد ۾ تقريب کي خطاب دوران سرفراز بگٽي چيو ته سازشي ڌرين سدائين پاڪستان کي ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.هن چيو ته نسلي تعصب کان مٿاهون ٿي پاڪستان کي اوليت ڏيڻي پوندي. سرفراز بگٽي وڌيڪ چيو ته پاڪستان مان دهشتگرديءَ جو ناسور ختم ڪنداسين

بقايا 12 ***

وڌيڪ اثاثن بابت ريفرنس جي سلسلي ۾ خورشيد شاهه. اويس قادر شاهه. فرخ شاهه. زيرڪ شاهه ۽ ٻيا احتساب عدالت ۾ پيش ٿيا. خورشيد شاهه ۽ ٻين خلاف ريفرنس ۾ بينڪ جي شاهد جو بيان قلمبند ڪيو ويو عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي خورشيد احمد شاهه جو چوڻ هو ته نواز شريف تي لاڏلي ٿيڻ جا الزام لڳي رهيا آهن. اهي لاڏلا نه ٿين هن چيو ته عام چونڊن ۾ سرپرائيز ايندو. ملڪ جو وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندو خورشيد شاهه چيو ته مون خلاف نيب جيڪي الزام هنيا. اهي ڇهن سالن ۾ ثابت ناهن ڪيا ويا.

بقايا 13 ***

ٻڌائڻو پوندو ڪراچي يونيورسٽي ۾ سنڌ فيئر کي خطاب ڪندي قائد عوامي تحريڪ اياز لطيف پليجو چيو ته سنڌ جا شاگرد 15 سالن کان احساس محرومي جو شڪار آهن سنڌس چوڻ هو ته سنڌ جي ترقي لاءِ تعصب ۽ ڪرپشن کي ختم ڪرڻو پوندو، سنڌ تهذيبن جي ماءُ آهي، دنيا کي سنڌ ۽ تهذيب تي فخر آهي، قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ جمهوريت ۽ آئين جي بالادستي چاهيون ٿا، پاڪستان کي نئين معاشي، آئيني ۽ سماجي چارٽر جي ضرورت آهي، اياز لطيف پليجو اهو به چيو ته جيڪڏهن اسان عقلمندي کان ڪم نه ورتو ته اسان کي چين-آمريڪا تڪرار ۾ پرڳڻو پوندو.

بقايا 14 ***

ورتو آهي. ڪوئٽه پوليس خديجه شاهه کي گرفتار ڪري راهداري ريمانڊ وٺڻ جي لاءِ درخواست داخل ڪئي. دهشتگرديءَ جي انت واري عدالت خديجه شاهه جو ٻن ڏينهن جو راهداري ريمانڊ منظور ڪري ورتي عدالت خديجه شاهه کي ٻن ڏينهن ۾ لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ڪوئٽه پوليس درخواست ڏني آهي ته ڪوئٽه جي دهشتگردي جي انت واري عدالت مان گرفتاري وارنٽ وٺي ڇڏيو آهي. جوابدار عورت کان جاچ ڪرڻي آهي عدالت 3 ڏينهن جو راهدري ريمانڊ منظور ڪري. ياد رهي ته پنجاب حڪومت خديجه شاهه جي نظربندي جو حڪم واپس ورتو هو جنهن جو حڪومتي لکت ۾ آرڊر سرڪاري وڪيل کي عدالت ۾ پيش ڪرڻو هو خديجه شاهه جي مڙس جهانزيب امين نظربندي جي خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي آهي

بقايا 15 ***

نااهلي جو ڪيس ججز ڪميٽي ڏانهن اماڻي ڇڏيو آهي.سپريم ڪورٽ ۾ مير بادشاهه قيصراني جي نااهلي واري ڪيس جي ٻڌڻي دوران پاناما ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جنهن ۾ تاحيات نااهلي ۽ اليڪشن ايڪٽ ۾ ترميمن تي به غور ڪيو ويو چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ پڇائو ڪيو ته مير بادشاهه قيصراني کي نااهل ڇو ڪيو ويو؟.درخواستگذار جي وڪيل ثاقب جيلاني جواب ڏنو ته مير بادشاهه قيصراني کي 2007 ۾ جعلي ڊگري جي بنياد تي نااهل ڪيو ويو هو پر هاءِ ڪورٽ ڪيس 2018 جي اليڪشن وڙهڻ جي اجازت ڏني هئي، عدالت پنهنجي ريمارڪس ۾ چيو ته ڪيس جي ٻڌڻي جنوري 2028 ع ۾ عام چونڊن کان اڳ ٿيندي. ان ڪيس کي چونڊن ۾ دير جو سبب نه بڻايو ويندو.جسٽس اطهر من الله چيو ته هاڻوڪو ڪيس 2018 ع جي چونڊن سان لاڳاپيل آهي. هاڻ نيون چونڊون منظرعام تي اچي رهيون آهن ته پوءِ اهو لاڳاپو معاملو ڪيئن آهي؟ اهو ڪيس موجوده چونڊن تي اثر انداز ٿيندو

بقايا 16 ***

خان ۽ بشريٰ بي بي جي خلاف غير شرعي نڪاح ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن سلسلي ۾ بشريٰ بي بي جي اڳوڻي مڙس خاور مانيڪا عدالت ۾ پيش ٿي حاضري لڳرائي جڏهن ته خاور مانيڪا جو وڪيل رضوان عباسي به عدالت ۾ پيش ٿيو درخواستگذار جي وڪيل رضوان عباسي چيو ته عدالت ۾ 2 گواهه پيش ٿيا، هڪ واقعي کي اکين سان ڏٺو ۽ ٻين کي ٻڌايو جنهن تي جج چيو ته اوهان قانون ڏسو، قانون ڇا چوي ٿو. قانون موجب اهڙي معاملي تي شڪايت ڪندڙن سان گڏ 2 گواهه هجڻ ضروري آهن. قانون ۾ سمورين شرطن پوريون هجڻ ضروري آهن.جج چيو ته قانون ۾ چٽولکيل آهي جنهن کي اسان تبديل نٿا ڪري سگهون. فيصلي جي تڏهن ضرورت هوندي آهي جڏهن قانون چٽو نه هجي. درخواستگذار جي وڪيل چيو ته منهجا دليل ٻڌي وٺو مان دليل ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. مون کي سپريم ڪورٽ وڃڻو آهي. دليل هن وقت ٻڌي وٺو. گهر ۾ عورت نوڪرياڻي به هئي، جيڪا ٽرائل ۾ بطور گواهه شامل ٿي سگهي ٿي.جنهن کان پوءِ عدالت ڪيس جي ٻڌڻي ۾ ڪجهه دير جي لاءِ وقفو ڪري ڇڏيو ۽ ڪجهه دير کان پوءِ ٻڌڻي شروع ٿي ته جج چيو ته خاور مانيڪا جو بيان اوهان ڏسي وٺو. ڪجهه به نه آهي هن بيان ۾. قانون موجب شڪايت ڪندڙ سان گڏ 2 گواهه لازمي آهن ٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي نوٽيس جاري ڪرڻ جي استدعا ڪئي جنهن تي جج چيو ته خاور مانيڪا کي اڏ شڪايت ڪندڙ ۽ اڏ گواهه نه ٿا بڻائي سگهون. جنهن تي وڪيل چيو ته نڪاح پڙهائيندڙ به موجود آهي. اکين ڏٺو گواهه به ۽ ٻڌائيندڙ به عدالت ۾ موجود آهن جنهن کان پوءِ عدالت غير شرعي نڪاح ڪيس جي ٻڌڻ جوڳي هجڻ يا نه هجڻ بابت فيصلو محفوظ ڪري ورتو

بقايا 17 ***

بشير ميمڻ چيو ته سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ قائم ڪيو ويو آهي هن وقت سنڌ جي صورتحال رحم جوڳي آهي. سنڌ جي ترقي ۽ ڀلائي لاءِ اسان سمورين ڌرين وٽ ويندا سين ياد رهي ته سيد شهزاد شاهه اڳوڻي وفاقي وزير سيد پرويز علي شاهه جيلاني جو پٽ ۽ اڳوڻي قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد جاويد علي شاهه جيلاني جو ڀائيٽيو آهي.

بقايا 18 ***

اسٽيڪ هولڊرن پنهنجو موقف پيش ڪيو پهرين نومبر کان گئس جي اگهن ۾ واڌ ڪانپوءِ سوئي ناردرن گئس جي اگهن ۾ وڌيڪ 131 سيڪڙو واڌ جو مطالبو ڪيو آهي. چيئرمين اوگرا مسرور خان چيو ته هن سمورن اسٽيڪ هولڊرز جا خيال ٻڌي ڇڏيا آهن. ايندڙ ٻڌڻي پشاور ۾ ٿيندي جنهن کانپوءِ سفارشون حڪومت ڏانهن اماڻيون وينديون. مسرور خان چيو ته گئس جي اگهن ۾ واڌ جو حتمي اعلان حڪومت ڪندي آهي پر اسان جي لاءِ صارفين جو مفاد پهرين ترجيح آهي.هن چيو ته سڄي دنيا ۾ گئس مهانگي آهي ۽ هتي وڌيڪ مهانگي ٿيڻ جو امڪان آهي. صارفين کي هاڻي گيس جي بجٽ ڏانهن ڌيان ڏيڻو پوندو. مون بجٽ ڪري پنهنجي گهرجي گئس بل به ڪنٽرول ڪري ڇڏيا آهن چيئرمين اوگرا چيو ته اسان جا ذخيرا گهٽ آهن. اسان کي ٻاهران مهانگي گيس خريد ڪرڻي پوندي آهي. امپورٽ ٿيل آر ايل اين جي ڪيترائي ڀيرا مهانگي آهي، جنهن جو خاتمو صارف برداشت ڪري ٿو

بقايا 19 ***

۽ شاهه محمود قريشي جون ضمانتون منظور ڪيون. پراسيڪيوٽر راجا نويد ۽ پي ٽي آءِ جي وڪيل سردار مصروف، خالد يوسف عدالت ۾ پيش ٿيا.ٻڌڻي دوران پراسيڪيوٽر راجا نويد پنهنجي موقف ۾ چيو ته پي ٽي آءِ اڳواڻن جاڻي واڻي احتجاج ڪرايو پي ٽي آءِ جي باني عوام کي ورغلايو ۽ ڪاوڙ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. پي ٽي آءِ اڳواڻن کي غير ضروري نرمي ڏني پئي وڃي. عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جون ضمانتون رد ڪيون وڃن.جج پڇائو ڪيو ته ڇا شاهه محمود قريشي ۽ عمران خان موقعي تي موجود هئا؟ جنهن تي پراسيڪيوٽر چيو ته شاهه محمود قريشي ۽ عمران خان موقعي تي موجود نه هئا.جنهن کان پوءِ دهشتگردي جي انت واري عدالت جي جج چيو ته عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جون ضمانتون درخواستون منظور ڪيون وڃن ٿيون. ٻين شريڪ جوابدارن جون ضمانتون به ڪنفرم ٿي چڪيون آهن اي ٽي سي جج ابوالحسنات ذوالقرنين 30_30 هزار روپين جي مچلڪن عيوض عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جون ضمانتون منظور ڪيون.

بقايا 20 ***

۾ اليڪشن ۾ دير نه ٿي چاهي پيپلزپارٽي جي اڳواڻن تاج حيدر. فيصل ڪريم ڪنڊي ۽ سعيد غني چيف اليڪشن ڪمشنر سان ملاقات بعد ميڊيا سان ڳالهايو اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ آءِ جي سنڌ کان وٺندي تپيدار تائين بدليون ۽ مقرريون ڪيون ويون آهن. ائين پئي ڪنهن به صوبي ۾ نه ٿيو آهي پيپلز پارٽي اڳواڻن چيو ته اليڪشن ڪميشن کي پنهنجن خدشن کان آگاهه ڪيو آهي

بقايا 21 ***

۽ گاربون ڏيڻ واري مبينا فون ڪال جي آڊيو وائرل ٿي وئيفون ڪال دوران ايس ايچ او وحيد پنهور پوليس اهلڪار مصري چانڊيو کي هڪ ڪيس ۾ مشير ٿيڻ لاءِ چيوفون ڪال دوران انڪار ڪرڻ تي ايس ايچ او پوليس اهلڪار کي ڌمڪيون ۽ گاريون ڏنيون پوليس اهلڪار مصري چانڊيو جو چوڻ آهي ته ايس ايچ او هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ مشير نه ٿيڻ تي ڌمڪيون ڏنيون ۽ بي عزتي ڪئي

بقايا 22 ***

اڳواڻن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو ته دنيا ڄاڻي ٿي ته 2018 ع جي عام چونڊن جا نتيجا ڪيئن سامهون آيا. خالد مقبول صديقي جو چوڻ آهي ته ڪراچي پنهنجي حقيقي نمائندگي وڃائي چڪو آهي. شهر جي نمائندگي انهن ماڻهن ڪئي جن جو هن شهر سان ڪو واسطو نه هو. هن شهر کي جلد کان جلد اليڪشن جي ضرورت آهي.ايم ڪيو ايم سربراهه چيو ته اسان جلد ۾ شفاف ۽ غيرجانبدار ۽ قابل قبول چونڊون چاهيون ٿا. سنڌ ۾ نگران حڪومت 15 سالن جي حڪومت جو تسلسل آهي.هن چيو ته هو رياست کي ٻڌائڻ چاهين ٿا ته اسان کي چونڊون سڀ کان وڌيڪ گهرجن. چونڊون نه رڳو شفاف ٿيڻ گهرجن پر ظاهري به ٿيڻ گهرجن هن وقت چونڊون صاف ۽ شفاف ٿيندي نظر نٿيون اچن.خالد مقبول صديقي چيو ته هي شهر اهڙين چونڊن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪندو. پنهنجو مينڊيٽ مڃڻ لاءِ روڊن تي نڪرنداسين. نگران وزيراعظم . شفاف چونڊون ڪرائڻ اوهان جو ڪم آهي. اليڪشن ڪميشن ميمبر نثار دراني پيپلز پارٽي جو عهديدار بڻجي ويو آهي. اعجاز انور چوهاڻ ۽ نثار دراني چونڊون قبول نه ڪنداسين.هن اهو به چيو ته حيدرآباد ۽ ڪراچي جون مڪاني حڪومتون شهرن جي نمائندگي نه ٿيون ڪن. ٻري پول ريگنگ ٿي آهي. جيڪڏهن ٺيڪ نه ٿي ته پوءِ عوام پاڻ ٻڌائي ته ڇا ڪرڻ گهرجي.

بقايا 23 ***

سگهيو آهي ذريعن موجب هلندڙ سال جي 11 مهينن دوران 1 هزار 255 ٻارڙا گم آهن. گم ٿيل ٻارن مان 950 کان وڌيڪ ٻارڙا مليا. جڏهن ته 250 کان وڌيڪ ٻارن ۽ ڇوڪرين جا والدين ڪين ڳولي رهيا آهن فلاحي تنظيم جي سربراهه محمد علي موجب نون ڄاول کان 5 سالن تائين جي 15 ٻارن کي مبينا طور اغوا ڪيو ويو. اغوا ٿيل 6 کان 10 سالن جي ٻارن جو انگ 34 ۽ 11 کان 15 سالن جي عمر جا 108 ٻار آهن. گم ٿيل ٻارن ۾ 200 ڇوڪرا ۽ 50 کان وڌيڪ ڇوڪريون شامل آهن.سيپٽمبر جي مهيني ۾ سڀ کان وڌيڪ 165 ٻار اغوا ۽ گم ڪيا ويا. گم ٿيل ٻارن جا سڀ کان وڌيڪ ڪيس اوڀر ضلعي مان رپورٽ ٿيا. جنوري 2023 جي پهرين مهيني ۾ 98. فيبروري ۾ 112. مارچ ۾ 85 ٻارڙا گم ٿيا.اپريل ۾ 48. مئي ۾ 91. جون ۾ 132 ۽ جولاءِ ۾ 122. آگسٽ ۾ 164. سيپٽمبر ۾ 165. آڪٽوبر ۾ 130 ۽ نومبر ۾ 100 کان وڌيڪ ٻار گم ٿيا.

بقايا 24 ***

اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ نگران صوبائي وزير تعليم رعنا حسين سان گڏيل پريس ڪانفرنس ڪئي. ان موقعي تي نگران اطلاعات واري وزير محمد احمد شاهه چيو ته حڪومت جي هر کاتي جي ڪارڪردگي کي اجاگر ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته حلف کڻڻ کانپوءِ ڪراچي پريس ڪلب جي دوري تي چيو هو ته مان انفارميشن وارو وزير آهيان انفارميشن جو نه. مون کي آچر جي ڏينهن به موڪل ناهي هوندي. هن چيو ته سنڌس ڪوشش آهي ته نگران حڪومت جي وزيرن ۽ کاتن جو ڪم نظر اچڻ گهرجي. محمد احمد شاهه چيو ته تعليم واري وزارت انتهائي اهم وزارت آهي. استادن جي حاضري وقت تي هئڻ گهرجي، استادن تصويرون ڪڍرائي مرڪلين ته هوڪتي آهن. تعليم واري وزير تمام گهڻي محنت سان ڪم ڪرڻ چاهي ٿي. اسان روز ميڊيا سان ملنداسين. ان موقعي تي سنڌ جي نگران تعليم واري وزير رعنا حسين چيو ته سنڌ ۾ استادن جي ڀرتي ڪانپوءِ استادن جي ڪوٽ جو مسئلو حل ٿي ويو آهي. جنهن ڪري ڏورانهن علائقن ۾ اسڪول ڪولڻ ۾ مدد ملي آهي. هن چيو ته سنڌ جي تعليم کاتي تي بي بنياد الزام لڳائي غلط ڄاڻ پکيڙي ويندي آهي. سنڌ ۾ نصاب تي ڪم ٿي رهيو آهي. اسان جو نصاب ٻين صوبن کان بهتر آهي جنهن تي يونيسيف طرفان مثبت موٽ ملي آهي. ڪتابن جي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ اسڪولن ۾ بڪ بئنڪ جو تصور آڻي رهيا آهيون. سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ ٿيل پريس ڪانفرنس ۾ سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن شيرين ناريجو، سيڪريٽري ڪاليج ايجوڪيشن صدف انيس شيخ، سيڪريٽري اطلاعات سنڌ نذير الرحمان ميمڻ پڻ موجود هئا. صوبائي وزير رعنا حسين چيو ته ڪيس استاد هجڻ تي فخر آهي. هن تعليم جي شعبي ۾ استاد طور ڪم ڪيو آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ تعليم جي شعبي ۾ ڪم ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي. پر هر شيءِ کي خراب چئي، اسان چڱن ڪمن ۽ صحيح شين کان منهن موڙي نٿا سگهون. سنڌ جي تعليم کاتي تي ڪيترائي الزام لڳايا ويا آهن. سنڌ جو نصاب ٻين صوبن کان بهتر آهي. اسان وٽ هاڻي استادن جي ڪوٽ ناهي، جنهن ڪري بند ٻيل اسڪول ٻيهر کولڻ ۾ مدد ملي آهي. اسان استادن جي لائسنس جي پاليسي ٺاهي چڪا آهيون. استادن جي حاضري کي يقيني بڻائڻ لاءِ بائيو ميٽرڪ کان علاوه آن لائين حاضري وارو نظام به متعارف ڪرايو ويو آهي. صوبائي تعليم واري وزير چيو ته ماضي ۾ استادن جي معيار تي ڌيان نه ڏنو ويو. استاد جو فقط هئڻ ضروري ناهي ڪجهڙي قسم جو استاد آهي اهو به ڏسڻ ضروري آهي. ان سلسلي ۾ تدريسي طريقي کي بهتر بڻائڻ لاءِ تربيت جو سلسلو جاري رکيو ويو آهي. ڪتابن جي ڪوٽ بابت پڇڻ تي تعليم واري صوبائي وزير چيو ته نصاب ۾ هر سال تبديلي ته ايندي آهي. تعليمي سال مڪمل ٿيڻ کانپوءِ اسڪولن ۾ ڪتاب واپس جمع ڪرايا وڃن. اسڪولن ۾ بڪ بئنڪ جو تصور متعارف ڪرائڻو پوندو ان سلسلي ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. ان کان علاوه فنڊن جي ڪوٽ سبب جيڪو ڪتابن جي ڇپائي جو ڪم رڪجي ويو هو ان لاءِ سنڌ جي نگران وڏي وزير فنڊ جاري ڪري ڇڏيو آهي. صوبائي وزير رعنا حسين چيو ته اسڪولن ۾ سهولتن جي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ فنڊ جاري ڪيا ويا آهن. هن چيو ته اسان جي ترجيح ٻوڏ متاثر اسڪولن جي بحالي تي به آهي. ان سلسلي ۾ اسان کي عالمي ادارن جو سهڪار حاصل آهي. صوبائي وزير تعليم چيو ته شيون ٺيڪ ٿيڻ ۾ وقت لڳندو آهي. مختصر مدت ۾ . اسان جي ذميوارين مان هڪ تسلسل برقرار رکڻ آهي. نصاب جي معيار بابت پڇيل سوال تي صوبائي وزير چيو ته سنڌ واحد صوبو آهي جنهن کي واحد نصاب تي اعتراض ڪيو هو. رياضي، سائنس، انگريزي ۽ ڪمپيوٽر کان علاوه صوبن کي پنهنجو نصاب ٺاهڻ جو حق حاصل آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ به قدر ڪنيو آهي ۽ يونيسيف اسان جي نصاب بابت سٺي راءِ ڏني آهي. ان موقعي تي تعليم واري سيڪريٽري شيرين ناريجو چيو ته 9 هزار کان وڌيڪ ٻوڏ متاثر اسڪولن جي مرمت لاءِ فنڊ جاري ڪيا ويا آهن ۽ انهن تي ڪم تيزي سان جاري آهي. جڏهن ته 5 هزار کان وڌيڪ اسڪولن جي مرمت جو ڪم مڪمل ٿيڻ جي ويجهو آهي. استادن جي ڀرتي واري مرحلي ۾ ويٽنگ لسٽ اميدوارن بابت سوال تي سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن چيو ته ان معاملي تي عدالت جي حڪمن کي ڏسي رهيا آهيون. جڏهن ته صوبائي حڪومت جي قانون واري کاتي سان رابطي ۾ آهي، ويٽنگ لسٽ اميدوارن جي ڀرتي جو مرحلو جلد کان جلد شروع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

بقايا 25 ***

پيٽرول جي اگهه ۾ 5.49 ڊالر في بيرل گهٽتائي ڪانپوءِ 16 ڊسمبر کان ملڪ ۾ پيٽرول جي اگهه ۾ 13 رپيا ۽ ڊيزل جي اگهه ۾ 15 رپيا في ليٽر گهٽتائي جو امڪان آهي.عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي سبب شهرين رليف ڏيڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ياد رهي ته هن وقت ملڪ ۾ پيٽرول جو اگهه 281.34 رپيا جڏهن ته ڊيزل 289.79 رپيا في ليٽر ملي رهيو آهي.حڪومت پيٽروليم شين جي نون اگهن جو فيصلو 15 ڊسمبر تي ڪندي، 16 ڊسمبر کان اگهه لاڳو ٿي ويندا.

بقايا 26 ***

جوابدارن جي قبضي مان 11 ڪلو 9 سئو گرام منشيات هٿ آئي آهي. جوابدار قائد اعظم يونيورسٽي سميت ٻين تعليمي ادارن ۾ منشيات سپلاءِ ڪندا هئا. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن منشيا جهنگ ۾ لڪائي هئي. منشيات فروشن جي سڃاڻپ مبشر حسين. مدثر علي ۽ افضال حسين جي نالن سان ٿي آهي جيڪي ٻري امام جا رهواسي آهن. جوابدارن کان وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ ان حوالي سان اهم انڪشاف جو امڪان آهي.

بقايا 27 ***

جي جوڙجڪ تي خدشن جو اظهار ڪيو آهي. قانون موجب جسٽس اعجاز الاحسن ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ جوڙيل ڪميٽي جو حصو آهي. جسٽس اعجاز الاحسن سپريم ڪورٽ جي رجسٽرار کي بينچ جي جوڙجڪ تي خط لکي ڇڏيو.جسٽس اعجاز الاحسن شهرين جي فوجي عدالتن ۾ ٽرائل جي 6 رڪني بينچ تي اعتراض ڪيو. جسٽس اعجاز الاحسن ذوالفقار علي ڀٽو ريفرنس جي ٻڌڻي ڪندڙ 9 رڪني بينچ تي به اعتراض ڪيو خط ۾ چيو ويو آهي ته ججز ڪميٽي ۾ فيصلو ڪيو ويو ته 7 جج فوجي عدالتن جي فيصلي خلاف اپيلن جي ٻڌڻي ڪندا. بينچ ۾ 7 سينيئر ججن کي شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ته جيئن ججن جي من ماني وارو تاثر ختم ڪيو وڃي.جسٽس اعجاز الاحسن چيو ته 7 ڊسمبر تي چيف جسٽس جي چيمبر ۾ 3 رڪني ڪميٽي جو اجلاس ٿيو. ڪميٽي جو اجلاس 4 وڳي ٿيو. اجلاس جي ايجنڊا هڪ ڪلاڪ اڳ ملي وئي. مان ڪميٽي جي اجلاس ۾ ميمبر طور شرڪت ڪئي. ڪميٽي جي ايجنڊا تي 3 نقطا هئا. پهريون نقطو لسٽ ۾ شامل ڪيسن کي ٻڌڻ لاءِ طئي ڪرڻ هو ٻيو نقطو آئيني درخواستن جي منظوري بابت ڪميٽي جو فيصلو هو ٽيون نقطو ڪيس جي جلد ٻڌڻي لاءِ وقت مقرر ڪرڻ بابت پاليسي جو تعين هو.پنهنجي خط ۾ هن چيو ته ڪميٽي فيصلو ڪيو هو ته 5 رڪني بينچ فوجي عدالتن ۾ شهرين جي ٽرائل بابت فيصلو ڏنو آهي. ڪميٽي ۾ فيصلو ڪيو ويو ته ٽوجي عدالتن جي قيام بابت فيصلي خلاف اپيلن جي ٻڌڻي 7 رڪني بينچ ڪندي. مون مطالبو ڪيو هو ته سينيئر ججن تي ٻڌل هڪ بينچ جوڙي وڃي ته جيئن چونڊ ۽ چونڊ جو تاثر ختم ڪري سگهجي. خط ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته چيف جسٽس کي اختيار ڏنو ويو آهي ته هو ججن ته اسپيشل بينچ تي کهڙا جج ويهندا. ڪميٽي جي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته جيڪڏهن ڪو جج نه ويهڻ چاهي ته ايندڙ جج بينچ تي ويهندو.

بقايا 28 ***

زرداري سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي ڇڏيپ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي وڪيل فاروق ايچ نائيڪ درخواست سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪرائيدرخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته ذوالفقار علي ڀٽو کي قتل جي سازش جي الزام ۾ موت جي سزا ٻڌائي وئي، ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاهي ڏني وئي پر سنڌس نظريو اڄ به زنده آهيدرخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو ته ماڻهو ريفرنس جي ڪارروائي سڌيءَ ريت ڏسڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا. استدعا آهي ته ٻڌڻي سڌيءَ ريت ڏيکارڻ جي اجازت ڏني وڃيسپريم ڪورٽ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ريفرنس تي ٻڌڻي سڀاڻي ٿيندي

بقايا 29 ***

تڪرار ڪئنال منظور ڪرائڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهيايڪنڪ جي اڄوڪي اجلاس جي ايجنڊا ۾ تڪراري گريٽر ٿل ڪئنال جي منظوري شامل هئي، اجلاس ۾ سنڌ جي نگران وزير يونس ڍاڳا شرڪت ڪئيذريعن موجب يونس ڍاڳا اجلاس ۾ موقف رکيو ته نئون ڪئنال اڏڻ لاءِ سسٽم ۾ پاڻي موجود ئي ناهي، سنڌ ۾ زرعي زمينون آباد ڪرڻ لاءِ پاڻي جي کوٽ آهيگريٽر ٿل ڪئنال جو معاملو ايڪنڪ ۾ نه کنيو وڃي. نئين چونڊيل حڪومت اهو معاملو سي سي آءِ ۾ کڻي وڃي، سي سي آءِ ۾ تڪراري ڪئنال تي فيصلو ڪرڻ ضروري آهي

بقايا 30 ***

بهاول نگر، سيالڪوٽ ۽ حافظ آباد ۾ ڪيون ويون. لاهور مان پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان کي مالي مدد فراهم ڪرڻ تي 2 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. گرفتار دهشتگردن جي قبضي مان ڌماڪيدار مادو، 2 دستي بم ۽ نقدي پڻ هٿ ڪئي وئي آهي.سي ٽي ڊي ترجمان موجب گرفتار دهشتگردن ۾ عبدالرحمان، عبدالوحيد، عظيم، سفيان، صديق، سجاد جت، عمران علي ۽ عمر فاروق شامل آهن.سي ٽي ڊي ترجمان جو چوڻ آهي ته دهشتگرد مختلف شهرن ۾ حملن جي رٿابندي ڪري رهيا هئا.

بقايا 31 ***

جي حوالي سان پهرين کان 7 ڊسمبر تائين هفتي جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا. اسسٽنٽ ڪمشنرز، مئجسٽريٽس ۽ پرائس چيڪنگ آفيسرن تي مشتمل ٽيمون ڊي سي سائوٿ آفيس پاران جاري ڪيل رپورٽ موجب گذريل هفتي ڪُل 172 ڪيس رپورٽ ٿيا. ۽ منافعي خورن ۽ ذخيرو ڪندڙن خلاف مجموعي طور تي 1141500 ڏنڊ لڳايو ويو ڊي سي سائوٿ آفيس ڪراچي پاران جاري ڪيل رپورٽ ۾ ڪراچي جي ضلعي ڏکڻ جي سب ڊويزن سول لائنز مان 33 ڪيس رپورٽ ٿيا جن تي 400000 ڏنڊ لڳايو ويو جڏهن ته صدر مان 19 ڪيس رپورٽ ٿيا جن تي 168000 روپيا ڏنڊ لڳايو ويو ۽ گارڊن مان 21 ڪيس رپورٽ ٿيا جن تي 014500 روپيا ڏنڊ هنيو ويو. آرام باغ جي مختلف دڪانن مان 50 ڪيس رپورٽ ٿيا جن تي 232000 روپيا ڏنڊ لڳايو ويو جڏهن ته لياري مان 49 ڪيس رپورٽ ٿيا جن تي 196500 روپيا ڏنڊ لڳايو ويو ڊي سي آفيس جي آفيسرن جو چوڻ آهي ته ڪراچي جي ڏکڻ ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو جي هدايتن تي حڪومت طرفان مقرر ڪيل اگهن تي عوام کي ضروري شين جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ روزاني جي بنيادن تي ڪارروائيون ڪيون پيون وڃن.

بقايا 32 ***

۽ گاريون ڏيڻ واري مبينا فون ڪال جي آڊيو وائرل ٿي وئيفون ڪال دوران ايس ايچ او وحيد پنهور پوليس اهلڪار مصري چانڊيو کي هڪ ڪيس ۾ مشير ٿيڻ لاءِ چيوفون ڪال دوران انڪار ڪرڻ تي ايس ايچ او پوليس اهلڪار کي ڌمڪيون ۽ گاريون ڏنيون پوليس اهلڪار مصري چانڊيو جو چوڻ آهي ته ايس ايچ او هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ مشير نه ٿيڻ تي ڌمڪيون ڏنيون ۽ بي عزتي ڪئي

نئون ديرو ۾ بينظير انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشن ۾ ثقافتي تقريب منعقد

پهرين کان ڇهين ڪلاس تائين جي شاگردن، شاگردياڻين ۽ ٽيچرز پاران رنگارنگ ويس پهري ثقافتي تقريب ۾ شرڪت

سنڌ جي ثقافت 5 هزار سال کان به وڌيڪ قديم ۽ عظيم آهي ۽ اسانکي فخر آهي ته اسان سنڌي آهيون: اڳواڻ

هي ڏهاڙا اسان هر سال ڀرپور نموني ملهائي سنڌ ڌرتيءَ کي ڀيٽا پيش ڪري سنڌ امڙ سان محبت جو وچن ورجايون ٿا

نئون ديرو (رپورٽر) نئون ديرو ۾ بينظير انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشن ۾ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پهرين کان ڇهين ڪلاس تائين جي شاگردن، شاگردياڻين ۽ ٽيچرز پاران رنگارنگ ويس پهري ثقافتي تقريب ۾ شرڪت ڪئي ته هرطرف سنڌ جي ثقافتي رنگن جا تجلاهٽا. تقريب ۾ اسڪول جي پرنسپال رابعه مورير آيل مهمانن کي آجيڪار پيش ڪيو ۽ چيو ته سنڌ جي ثقافت 5 هزار سال کان به وڌيڪ قديم ۽ عظيم آهي ۽ اسانکي فخر آهي ته اسان سنڌي آهيون ۽ قديم تهذيب ۽ ثقافت جا وارث آهيون، هي ڏهاڙا اسان هر سال ڀرپور نموني ملهائي سنڌ ڌرتيءَ کي ڀيٽا پيش ڪري سنڌ امڙ سان محبت جو وچن ورجايون ٿا. ان موقعي تي مختلف شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌ جي ثقافت جي حوالي سان جذباتي تقريرون پيش ڪري سنڌ جي ثقافت جي اهميت کي بيان ڪيو. تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌ جي رومانوي داستان سسئي پنهون جي قصي کي پيش ڪرڻ لاءِ زبردست ٽيبلو پيش ڪيو ته پنڊال تاڙين سان گونجي ويو تقريب ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين اجوا، زينب، نسا، رافع، مصطفيٰ ۽ ٻين "ٻڪ ڏي اچڻ جي، لوٽو مونکي آئي ڏي، مور ٿو ٽلي، هو جمالو ۽ ٻين سنڌي گيتن تي سنڌ جي ثقافتي ڊانس ٽيبلو پيش ڪري واهه واهه ڪرائي ڇڏي، جتي اسڪول جي ٽيچرز ۽ شاگرديائي، شاگردن ڳالهائيندي چيو ته اسان کي پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ سان پيار آهي ۽ پنهنجا ثقافتي ڏهاڙا ملهائي اسان سنڌ سان محبت جو اظهار ڪريون ٿا ۽ هر سال هي ڏهاڙا ملهائڻ سان اسان کي سنڌ جي ثقافت، تهذيب بابت ڄاڻ ملي ٿي جنهن سان اسان ۾ سنڌ جي ثقافت کي جاڳرڪرڻ لاءِ وڌيڪ جوش جذبو ۽ ولولو پيدا ٿئي ٿو هي ڏهاڙو اسان هر سال عيد جي ڏينهن جيان ڀرپور نموني ملهائيندا آهيون ۽ هميشه ملهائيندا رهنداسين.

سنڌ جا مزدور بيروزگار آهن ۽ سنڌن ٻار تعليم کان محروم آهن: اياز لطيف پليجو

ڪراچي کي ٻيهر دنيا جو خوبصورت ۽ پرامن شهر بڻائڻو آهي سنڌ جي ترقي لاءِ تعصب ۽ ڪرپشن جو خاتمو لازمي آهي

سنڌ جو عوام علم ۽ ترقي چاهي ٿو، انهن تي نوان تجربا نه ڪيا وڃن، ملڪ ۾ جمهوريت ۽ آئين جي بالادستي چاهيون ٿا

سنڌ، ڏکڻ پنجاب ۽ بلوچستان غربت، بيروزگاري ۽ ڪرپشن جي ور چڙهيل آهن، ڪراچي ملڪ جي معيشت جو مرڪز آهي

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر ڀھڻوار) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي ڪراچي يونيورسٽي ۾ يوٿ ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته ڪراچي کي ٻيهر دنيا جو خوبصورت ۽ پرامن شهر بڻائڻو آهي سنڌ جي ترقي لاءِ تعصب ۽ ڪرپشن جو خاتمو لازمي آهي. ڪراچي ملڪ جي معيشت جو مرڪز آهي. ان جي تباهي ملڪ دشمني آهي. اياز لطيف پليجي سنڌ جو عوام علم ۽ ترقي چاهي ٿو، انهن تي نوان تجربا نه ڪيا وڃن، ملڪ ۾ جمهوريت ۽ آئين جي بالادستي چاهيون ٿا. سنڌ جي جوري ڪيل هڪ هڪ روپيي ۽ هڪ هڪ ڏوهه جو حساب سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ پورهيت وٺندا. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ، ڏکڻ پنجاب ۽ بلوچستان غربت، بيروزگاري ۽ ڪرپشن جي ور چڙهيل آهن. پاڪستان کي هڪ نئين معاشي، آئيني ۽ سماجي چارٽر جي ضرورت آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جا مزدور بيروزگار آهن ۽ سنڌن ٻار تعليم کان محروم آهن. سنڌ جا شاگرد پندرهن سالن کان سخت احساس محرومي جو شڪار آهن جي ڪڏهن عقلمندي سان ڪم نه ورتو ته چين آمريڪا ٽڪراءُ ۾ اسان کي نقصان ٿيندو. اياز لطيف پليجي چيو ته علم، ادب ۽ ثقافت کان سواءِ قومون ڪوڪليون ٿي وينديون آهن سنڌ کي سرداري نظام ۽ وڏيرا شاهي کان نجات ڏيارڻي پوندي. اسان جو ادب ۽ فن امن، برابري ۽ محبت جي بنياد آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته اقليتن جو تحفظ، رواداري ۽ برابري سان پاڪستان کي ڪامياب بڻائڻو پوندو. اسان جو تعليمي نصاب جديد، انسان دوست ۽ سائنسي هجڻ گهرجي. نوجوان فيصلا سازي ۽ چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺن. سياسي مفادن جي جنگ ۾ پاڪستان جي معيشت ۽ عوام کي نشانو نه بڻايو وڃي. اياز لطيف پليجي چيو ته اردو، پنجابي، پشتون، سرائيڪي ۽ بلوچ اسان جا ڀائر آهن. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي ميرٽ کي قتل ڪري لکين روپيا وٺي نوڪريون وڪرو ڪيون ويون ۽ انٽري ٽيسٽ ذريعي ميڊيڪل جون سيٽون نيلام ڪيون ويون. اياز لطيف پليجي چيو ته نگران حڪومت پيپلز پارٽي حڪومت جو تسلسل آهي. ڪرپٽ حڪمرانن سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو آهي سنڌ ۾ ماڻهن کي پنهنجي مرضيءَ سان ووٽ جو حق استعمال ڪرڻ نٿو ڏنو وڃي. پيپلز پارٽي پيسن تي ووٽ خريد ٿي ڪري. اياز لطيف پليجي چيو ته پيپلز پارٽي ٻيهر اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ هر سنڌ دشمن فيصلو قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهي پيپلز پارٽي جي غلط پاليسين جي ڪري سنڌ ۾ بي پناهه غربت وڌي. هڪ طرف سنڌ قدرتي وسيلن سان مالا مال آهي. تيل، گئس، ڪوئلو ۽ ٻي معدنيات آهي. ٻئي طرف زراعت، سمنڊ ۽ بندرگاهه آهن. اهڙن وسيلن وارا ملڪ ترقي يافته ۽ خوشحال آهن پر سنڌ ۾ عوام بدحال ۽ حڪمران خوشحال آهن. پيپلزپارٽي جي ڪرپٽ اڳواڻن وزيرن، مشيرن ۽ زرداري ٽولي سنڌ مان اربين روپيا لٽي دبئي، لنڊن ۽ ٻين ملڪن ڏانهن منتقل ڪري پنهنجي بي پناهه دولت ناهي آهي. سنڌ جي وسيلن تي پهريون حق سنڌ جي ماڻهن جو آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته پاڪستان ۾ شامل وحدتن کي ڪڏهن به برابري وارا حق نه مليا آهن. جمهوريت ۽ اڪثريت جي نالي ۾ ننڍن صوبن خاص طور سنڌ جو استحصال ڪيو ويو آهي. سنڌ ۽ بلوچستان سڀ کان وڌيڪ ڪمائي ڏيندڙ صوبا آهن پر اتي جي عوام سڀ کان بدحال زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. جتان تيل ۽ گئس نڪري ٿو اتي جا ڳوٺ ۽ ڀرپاسي جا لکين ماڻهو گئس جي بنيادي سهولت کان محروم آهن. پيئڻ جو صاف پاڻي ناهي. روڊ ناهن. صحت جي سهولت ناهي. تعليم کان محروم رکيو ويو آهي. سنڌ ۽ بلوچستان جي عوام کي ترقي کان بلڪل محروم رکيو ويو آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته اسين برابري واري جمهوريت چاهيون ٿا، جنهن ۾ برابري وارا حق هجن، وسيلن تي اختيار هجي، نوڪرين ۾ پورو حق ملي، صحت، تعليم ۽ بنيادي سهولتون ملن. افسوس آهي جو اسان وٽ بنيادي حق صرف امير طبقي جا مڃيا وڃن ٿا. غربت ۽ بدحالي پورهيت عوام جو مقدر بڻايو ويو آهي.



سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي، روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com